اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_11

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

سرپرست
پروفيسر سيد عبادالله راشدي

چيف ايڊيٽر
محمد سليمان طاهر انڙ

ايڊيٽر
نور احمد ميمڻ

مشاورتي بورڊ
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

ذو القعد ١٤٣١ ھ مطابق آڪٽوبر 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليه وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاھ ولي الله رحمة الله عليه | ادارو | 4 |
| اسماءُ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| ايڊيٽوريل : احتساب. فلاحي حڪومت | چيف ايڊيٽر | 6 |
| قرآن مجيد: هدي للناس | نور احمد ميمڻ | 10 |
| انساني تخليق جو مقصد | ڊاڪٽر الطاف جاويد | 14 |
| زڪوات جو شرعي نظام | مولانا ابوالڪلام آزاد | 16 |
| قومن جي تقدير | خواجه غلام الدين سيد | 19 |
| اجتماعي عدل | مولانا محمد طاسين | 24 |
| قارون جو قصو ۽ مال ملڪيت بابت قرآن جو نظريو | احمد الدين شر | 27 |
| ملفوظات مولانا عبيدالله سنڌي | مولانا دين محمد وفائي | 31 |


**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03002707097
www.hikmatequran.org /Email:hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَعَدْلًا لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَاتِهِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ (الانعام: ١١٥)

”پروردگار جون ڳالهيون (قوانين) سچائي ۽ انصاف ۾ پوريون آهن، انهن قانونن ۾ ڪوبه تبديلي نٿو ڪري سگهي. اهو ئي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي“.

الله تعاليٰ جو قانون ۽ ان جو نظام مضبوط ۽ پختو آهي. انسان جيڪڏهن اهو سوچي ٿو ته هو قيامت جي ڏينهن پنهنجن بچڙن عملن جي سزا ڪان بچي ويندو يا ڪنهن حيلي بهاني سان ڇٽي ويندو ته اها هن جي وڏي ڀُل ۽ غلطي آهي. ڇو ته الله تعاليٰ جا قانون ۽ ضابطا ۽ اصول مقرر ٿيل آهن. هر ڪم ان جي مطابق ٿي رهيو آهي ۽ هميشه ان مطابق ئي ٿيندو رهندو. ان جي قانونن ۾ ڪابه لچڪ نه رکي وئي آهي. جيڪڏهن اسان خدائي قانونن ۾ مصلحت جو پهلو تلاش ڪرڻ شروع ڪنداسون ته پوءِ قانون، قانون نه رهندا فقط تاويلون رهجي وينديون. انسان هميشه پابندين ڪان لنوائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. فطري طرح پنهنجي ذاتي فائدن جو خواهشمند رهندو آهي. آرام، تفريح ۽ سهولتن ڪي پاڻ لاءِ مخصوص ڪرڻ جي طلب ۾ لڳو پيو هوندو آهي. پر ان سان گڏ چاهيندو آهي ته ڪيس آخرت واري زندگي ۾ بهشت جو به حقدار قرار ڏنو وڃي. اها به رخي سوچ تمام مشڪل آهي. انسان ڪي گهرجي ته الله تعاليٰ جي اڻ تبديل ٿيندڙ قانونن جي پوري طرح پابندي ڪري، تڏهن ئي هو رحمتن جو حقدار ٿي سگهي ٿو. الله تعاليٰ ڪائنات جو سمورو نظام هڪ ضابطي سان هلائي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪا به تبديلي نٿي اچي سگهي. سج، چنڊ، روشني، هوا ڪڪر، پاڻي، باهه، وڻ ٽڻ، جانور، پکي ۽ سڀ ڪان اهم موت ۽ حيات جو نظام ڪيڏو اٽل ۽ اڻ ٽر آهي. جڏهن ان سموري نظام ۾ ڪابه تبديلي نه آئي آهي ته ڇا انسان جي معاملي ۾ خدا جا قانون بدلجي ويندا؟ نه، هرگز نه! خدا جا قانون انسان تي به پوري طرح لاڳو ٿي ويندا. ڪائنس حساب ڪتاب ورتو ويندو. بنا حساب جي بخشش ناممڪن آهي. انسان جي اها ڪيڏي وڏي جهالت آهي ته دنيا جي معاملي ۾ ته يقين تي هلي ٿو مگر آخرت جي معاملي ۾ اميدن جي سهاري ۾ ڦاٿل آهي.

* خطائن ڪي معاف ڪر، چڱن ڪمن جو حڪم ڏي ۽ جاهلن ڪان منهن موڙ ۽ جيڪڏهن (اي پيغمبر) تنهنجي دل ۾ انتقام ۽ بدلي وٺڻ جو جوش پيدا ٿئي ته خدا ڪان پناهه گهر، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.“ (الاعراف، ١٩٩، ٢٠٠)

* ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نه گهم، اهڙي طرح هلڻ سان، نڪي زمين ڪي چيري سگهندين ۽ نه فخر سان هلڻ ڪري ڊيگهه ۾ جبلن جي چوٽي ڪي پهچي سگهندين، اهي سيئي ڳالهيون خدا وٽ ناپسند آهن.“ (بني اسرائيل، ٣٧، ٣٨)

* ۽ ٻاجهاري خدا جا رحمدل ٻانها اُهي آهن جيڪي زمين تي نهايت نوڙت سان گهمندا آهن ۽ جڏهن جاهل انهن سان جهالت جون ڳالهيون ڪندا آهن ته سلام ڪري جدا ٿي ويندا آهن.“ (الفرقان- ٦٣)

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عن ابی مسعود الانصاری قال کُنتُ اَضرِبُ غُلاماً لی فَسَمِعْتُ مِن خَلْفِی صَوتاً اِعلَمْ اَبَا مسعودٍ! اَللّٰهُ اَقْدِرُ عَلَیكَ مِنْكَ عَلَیْهِ فَالْتَفَتُّ فاذا هو رسول الله صلی الله علیه وسلم فَقُلتُ یا رَسولَ الله! هُوحُرٌّ لِوَجْهِ اللهِ فقال اَماَلولم تَفْعل لَلَفَحتْكَ النَّارُ او لَمَسَّتْكَ النّار (مسلم)

”حضرت ابو مسعود انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مان هڪ دفعي پنهنجي غلام کي ماري رهيو هوس تہ پٺيان مون هڪ آواز ٻڌو جيڪو چئي رهيو هو: ”تہ اي ابو مسعود! توکي خبر هئڻ گهرجي تہ الله کي توتي هن کان وڌيڪ قدرت ۽ طاقت حاصل آهي جيتري توکي هن مجبور غلام تي آهي.“ مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ انهن لفظن چوڻ وارو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ هئا. مون فوري طرح چيو: ”يا رسول الله! (صلي الله عليه وسلم) مون هن غلام کي الله جي رضامندي خاطر آزاد ڪري ڇڏيو.“ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: ”توکي معلوم هجڻ گهرجي تہ جيڪڏهن تون هن غلام کي آزاد نہ ڪرين ها تہ دوزخ جي باهہ توکي ساڙي ڇڏي ها.“ يا هيئن فرمايائون تہ: ”دوزخ جي باهہ توکي چنبڙي وڃي ها.“

ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ خدا کي هرگز پسند ناهي. ان جي مقابلي ۾ عفو، درگذر ۽ معاف ڪرڻ سان الله تعاليٰ ان ٻانهي تي رحمتون موڪلي ٿو. ظلم ۽ زيادتي پنهنجي نوڪر ۽ ملازم سان بہ نہ ڪجي ۽ ان جي ڪنهن غلطي تي بہ ڪا وڏي سزا ڏيئي ڇڏجي، تہ اها ڳالهہ بہ رب رحمان کي نٿي وڻي. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪيڏي تنبيهہ فرمائي آهي تہ غلام کي مار ڪٽ ڪرڻ سان دوزخ جي باهہ چنبڙي وڃي ٿي. اسان کي ملازمن ۽ نوڪرن، مزدورن ۽ غريب انسانن سان تمام بهتر سلوڪ ڪرڻ گهرجي. انهن جي بي عزتي ڪرڻ، خدا جي ناراضگي جو سبب ٿي سگهي ٿي. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان پڇيو ويو تہ ملازمن کي ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا معاف ڪيو وڃي؟ فرمايائون تہ ستر دفعا معاف ڪيو وڃي. معلوم ٿيو تہ سزا ڏيڻي ئي ناهي، معاف ئي ڪرڻو آهي.

انسان کي گهرجي تہ پنهنجن ماتحتن تي رحم ۽ شفقت جو هٿ رکي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جيڪي پوري جهان لاءِ رحمت جا درياءُ، شفقت جا ڪڪر آهن، هڪ حديث ۾ فرمائن ٿا تہ: ”جيڪو انسان ٻين تي رحم نٿو ڪري، ان تي الله بہ رحم نہ ڪندو.“ (متفق عليہ)

هڪ ٻي حديث جو مفهوم آهي تہ: ”خدا جي رحمت جو مستحق اهو بندو آهي جيڪو خدا جي ٻانهن تي رحم ڪري ٿو.“ (رواه ابوداٸودو ترمذي)

رحمت دراصل الله پاڪ جي خاص صفت آهي. رحمٰن ۽ رحيم سندس خاص نالا آهن. جن بندن ۾ الله تعاليٰ جي اها خاص صفت جيتري قدر گهٽي هوندي، اوتروئي اهي رب جي رحمت جا حقدار بڻبا ۽ جيڪو شخص جيڏو بي رحم هوندو. اوترو ئي الله جي رحمت کان محروم رهندو.



## تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

### وقف عام سماجي ڀلائيءَ لاءِ هڪ بهترين اسڪيم!

انسان جي طبيعت ۾ سخاوت، سماحت، فياضي ۽ احسان جي جذبن جي ڪري سماج ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ، انساني تاريخ جو اخلاقي ورثو رهيو آهي. جنهن جا مختلف قسم آهن. مثال طور: صدقو، هديہ، هبہ ۽ وصيت وغيره. جڏهن انسان پنهنجي تهذيبي دور ۾ داخل ٿيو تہ هو اهي سڀ طريقا پيدا ڪري چڪو هيو. پر ڏٺو وڃي تہ اهي سڀ احسان ۽ تبرع جا طريقا اهڙا آهن جن جو فائدو گهڻو شخصي آهي يا ڪنهن دائري تائين محدود آهي. پر بقول شاهہ صاحب رح جي تہ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن، جنهن عالمگير انقلابي تحريڪ جا داعي هئا، ان عام سماجي مفاد ۽ گڏيل ڀلائي جي بنياد تي احسان ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ جو اهڙو طريقو پيش ڪيو جيڪو اهڙين مصلحتن ۽ حڪمتن تي قائم هيو جيڪي مٿي ذڪر ڪيل طريقن ۾ نہ هيون ۽ اهو آهي وقف جي سوشل اسڪيم.

وقف جو مطلب آهي تہ ڪا جامد ملڪيت (Property) مثلاً زمين يا ڪا اهڙي قيمتي شيءِ جنهن جو نفعو غريبن ۽ مسڪينن ۽ حاجتمندن لاءِ وقف ڪرڻ. مثال طور: جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ لک روپيہ غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهائي تہ اهي پئسا پائي پائي ٿي کپي ويندا. ضرورتمند انهن پئسن مان ڪجهہ ڏينهن تہ پنهنجو پيٽ گذر ڪري ويندا پر پوءِ ساڳيا ئي ڪنگال ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح انهن ڪانپوءِ جيڪي ٻيا محتاج ايندا، اهي بہ ان جي فياضيءَ کان محروم رهجي ويندا. پر وقف واري سوشل اسڪيم ان عيب کان خالي آهي، ڇو تہ ان ۾ اها خاصيت آهي تہ ان ۾ اصل برقرار رکندي ان مان حاصل ٿيندڙ نفعي جي ذريعي غريبن ۽ محتاجن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون ۽ اهڙي طرح ان ڪانپوءِ ايندڙ حاجتمند بہ ان جي فياضي مان فائدو وٺندا رهندا، ڇاڪاڻ تہ اصل شيءِ هر حالت ۾ محفوظ رهي ٿي. اجتماعي مفاد جي بنياد تي احسان جي هيءَ بهترين صورت آهي.

(شاهہ وليُ الله ڪا فلسفہ عمرانيات و معاشيات ص ١٠٢ کان ١٠٣ تان ورتل)

### الحب في الله والبغض في الله

”مؤمن“ جي تعريف هي آهي تہ هن جي نہ ڪنهن سان دوستي هجي ۽ نہ دشمني. نہ ڪنهن جي ساراهہ ڪري ۽ نہ ڪنهن جا گلا. پر خدا جي هٿ ۾ هڪ بي جان بت بڻجي پنهنجي محبت ۽ دشمني کي محبوب لاءِ قربان ڪري ڇڏي. جيڪي خدا جا دوست هجن اهي هن جا بہ دوست هجن، جيڪي خدا جا دشمن هجن، اهي هجن جا بہ دشمن هجن، الله خاطر دوستي بہ، تہ دشمني بہ.

(مولانا ابوالڪلام آزاد)

## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي ﷺ

# الجبار

ڪن عالمن جو ڇوڻ آهي ته هن اسم جي معنيٰ آهي: ڀڳل ۽ ٽٽل کي ٺاهي ٺيڪ ڪري ان کي ڪارائتو بڻائيندڙ، بدنصيبن کي خوشنصيب ڪندڙ. يا اها هستي جيڪا سموري ڪائنات کي پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق پنهنجي حڪم هيٺ هلائيندڙ هجي، ۽ ڪنهن کي به ان جي حڪم خلاف ڪم ڪرڻ جي مجال نه هجي.

### تعلق

عارف لاءِ هن اسم سان تعلق (نسبت) قائم ڪرڻ جي واٽ هيءَ آهي، ته هميشه ان جبار جي حجهور ۾ پنهنجي دل جي هيٺائپ، عاجزي ۽ نيازمندي سان حاضر رهي، ته جيئن ان جي ٽٽل دل کي ڪو ٽاڪو ۽ بي سڪونيءَ کي ڪو سهارو ملي سگهي. ان سان گڏ پنهنجي حالت کي سڌاري، هميشه شرعي احڪام ۽ خيرخواهيءَ جا ڪم بجا آڻيندو رهي ۽ پنهنجي اختيار ۽ مرضيءَ سان هلڻ کان پاسو ڪري، يعني تدبير ۽ اختيار کي ڇڏي عبديت ۽ ٻانهپ جي صفت سان موصوف ٿي وڃي.

### تخلق

هن اسم شريف جي تخلق (صفت اپنائڻ) جو طريقو هي آهي ته، پنهنجي نفس جي ڪمين ڪوتاهين ۾ سڌارو آڻي، ان کي ڪمال ۽ فضيلت واري منزل تي پهچائي ۽ هدايت واري مقام تي پير پختا ڪري بيهي، فساد وارن احوالن کان پاڻ کي پري رکي. خدا جي خلق جي ڏوهن ۽ خطائن کي سڌاري، ڀٽڪيلن جي رهنمائي ڪري، ٽٽل دلين جي دستگيري ڪري، ماڻهن تي شرعي احڪام جاري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري. يعني ”امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر“ (چڱائي جو حڪم ۽ برائيءَ کان منع) تي عمل ڪرائڻ لاءِ پنهنجي طاقت ۽ اختيار استعمال ڪندو رهي.

### تعبد

عبدالجبار، جبار جو ٻانهو اهو شخص آهي، جيڪو هر ٽٽل کي جوڙي، هر ڪنهن جي عيب کي ڍڪي، ڇو ته الله ﷻ هن جي حال کي به سڌاريو آهي ۽ مٿس اسم ”جبار“ جي تجلي وجهڻ سان ڪيس هر شيءِ کي هر حالت ۾ جوڙيندڙ، عيب ڍڪيندڙ ۽ غالب بڻايو آهي.

> (اي پيغمبر) پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن ماڻهن کي سڏ. اهڙيءَ طرح جو حڪمت جون ڳالهيون بيان ڪر ۽ سهڻي نموني چڱي نصيحت ڪر ۽ مخالفن سان بحث مباحثو ڪرين ته (اهو به) اهڙي طريقي سان ڪر، جيڪو حسن ۽ خوبي جو طريقو هجي. تنهن جو پروردگار بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير ان جي واٽ کان گمراهه ٿي ويو آهي ۽ اهو ئي ڄاڻي ٿو ته ڪير سڌي واٽ تي آهي. (النحل، ١٢٥)



ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

## احتساب – فلاحي حڪومت

مثالي حڪومت ۽ فلاحي حڪومت، اها ليکي ويندي آهي جنهن ۾ هر سطح تي هر ماڻهو سان انصاف ڪيو وڃي. رعيت ۾ ڪوبه ماڻهو ڪنهن سان ظلم ۽ زيادتي ڪري، ته ان کي انصاف مطابق سزا ڏني وڃي ۽ مظلوم کي حق پلئه پوي. اهڙي طرح حڪمران جيڪڏهن ڪا به زيادتي ڪري، رعيت جي ننڍي کان ننڍي ماڻهو سان به ڪا نا انصافي ڪئي وڃي، قومي خزاني ۾ خيانت ٿيڻ لڳي، ڪجهه ماڻهن کي نوازيو وڃي ۽ گهڻن ماڻهن کي محروم رکيو وڃي ته اهڙي حڪمران جو سخت احتساب ڪيو وڃي. عوام ۾ ايتري قوت ۽ سگهه هجي جو اهڙي نا اهل، نالائق ۽ بد ڪار حڪمران کي هٽائي ڇڏين ۽ انصاف ڪندڙ حڪمران کي ان جي جاءِ تي مقرر ڪن. فلاحي حڪومت لاءِ لازمي آهي ته اها حڪومت ملڪ ۾ امن امان کي پهرين ترجيح قرار ڏئي. چور، ڌاڙيل، دهشت گرد ۽ لٽيرن کي سخت سزائون ڏيئي انهن کي نيست و نابود ڪيو وڃي تان ته ملڪ جو عوام سک ۽ سانت سان زندگي جو ڪاروبار ڪري سگهي ۽ پنهنجي دين تي آزادي سان عمل ڪري سگهي. فلاحي حڪومت لاءِ اهو به لازمي آهي ته ملڪ جي پيداواري وسيلن ۽ دولت کي چند ماڻهن جي قبضي ۾ ڏيڻ جي بجاءِ پوري عوام ۾ انصاف سان تقسيم ڪري، تان ته رعيت جو ڪوبه ماڻهو ڪفالت ۽ بنيادي گهرجن کان محروم نه رهجي وڃي. عوام جي گهڻائي جيڪڏهن بک، بي روزگاري، بدحالي، تعليم ۽ علاج، اجهي ۽ لٽي کان محروم ٿي ويندي ته پوءِ افراتفري ۽ خانه جنگي وارو معاشرو وجود ۾ ايندوجيڪو معاشرو يا ته غلام ٿي ويندو يا فنا ٿي ويندو.

قرآن مجيد دنيا ۾ فلاحي معاشري جي قيام تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جن جي دور ۾ جيڪا مدينه طيبه ۾ حڪومت وجود ۾ آئي، اها هڪ مثالي حڪومت هئي. حڪومت جو سربراهه بک ۽ ڏک واري زندگي گذاريندو هو مگر رعيت کي خوشحال بڻائڻ لاءِ هر قسم جو رٿائون جوڙيندو هو ۽ ان تي عمل ڪندو هو. ايتري قدر جو مٿن مائٽن، گهروارين، ڌيئرن ۽ ويجهن عزيزن کي پوئتي رکي عام مسلمانن ۾ دولت تقسيم ڪندو هو. فرمائيندو هو ته پهريون حق غريبن، مستحقن ۽ مهاجرن ۽ انصارن جو آهي.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سندس پياري ڌيءُ ڪنهن ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ خدمت ۾ آئي ته ان کي نصيحتون ڪندي، صبر استقامت جو درس ڏيئي واپس ڪيائون ۽ فرمايائون ته ”غنيمت جي مال ۾ پهريون حق عام مسلمانن جو آهي. جيسيتائين اهي خوشحال نه ٿيندا ته مان اهو مال ويجهن عزيزن کي نٿو ڏيئي سگهان.“

حضور ڪريم ﷺ جن جي وصال مبارڪ کان ڪجهه عرصو اڳ مسلمانن ۾ چڱي خاصي خوشحالي اچي وئي هئي ۽ عام ماڻهو سکيا ستابا ٿي ويا هئا. پر ان وقت به جڏهن

اسلامي حڪومت جو سربراھ (ﷺ) هن دنيا کي ڇڏي رهيا هئا تہ سندن گھر ۾ ڪوبہ درهم ۽ دينار موجود نہ هو. ڪيتري عرصي کان گھر ۾ باھ نہ ٻري هئي، ڪوبہ کاڌو تيار نہ ٿيو هو. تيل نہ هجڻ سبب گھر ۾ انڌيرو هو. ڇا دنيا اهڙي فلاحي حڪومت جو عملي نمونو پيش ڪري سگھي ٿي؟ وصال مبارڪ کان پوءِ پهريون خليفو سيدنا ابوبڪر صديق ؓ چونڊيو ويو. هن پهرين خطاب ۾ فرمايو تہ : ”مونکي اوهان خليفو چونڊيو آهي پر مان اوهان سڀني کان بهتر ناهيان. مان سڌي واٽ تي هلان تہ منهنجي اطاعت ڪجو پر سڌي واٽ کان هٽي وڃان تہ اوهان تي اطاعت واجب ناهي. اوهان مان جيڪو ڪمزور شخص آهي اهو مون وٽ طاقتور آهي جيسيتائين ان کي حق نہ وٺي ڏيان. اوهان مان جيڪو طاقتور آهي اهو مون وٽ ڪمزور آهي جيسيتائين ان کان حق نہ وٺان.“

سيدنا عمر فاروق ؓ خلافت کان پوءِ پهرين خطاب ۾ فرمايو تہ: ”جيڪڏهن عمر سڌي واٽ کان هٽي وڃي تہ انکي ڪير سڌي واٽ تي آڻيندو؟“ حاضرين مان هڪ شخص اٿيو جنهن تلوار ڪڍي حضرت عمر ؓ کي جواب ڏنو تہ اي عمر! هيءَ تلوار توکي سڌو ڪندي. سيدنا فاروق اعظم رضہ خدا جو حمد ۽ شڪر ادا ڪيو تہ يا الله هن جماعت ۾ اهڙا عظيم انسان موجود آهن جيڪي عمر کي سڌي راھ تي هلائي سگهن ٿا.

جمعي مبارڪ جو خطبو ڏيندي سيد نا عمر ؓ فرمايو تہ ”منهنجي ٻُڌو ۽ اطاعت ڪيو!“ هڪ بدوي اٿي چيو تہ نہ ٻڌنداسون نہ اطاعت ڪنداسون، پهريائين اهو جواب ڏي تہ تون ٻہ چادرون ڊڪيون آهن جڏهن تہ اسان کي هڪ هڪ چادر حصي ۾ آئي آهي. سيد نا عمر ؓ پنهنجي پٽ کي اشارو ڪيو تہ جواب ڏئي. حضرت ابن عمر ؓ ٻڌايو تہ بابا سائين کي هڪ چادر پنهنجي حصي واري آهي ۽ ٻي چادر منهنجي حصي واري آهي جيڪا مون بابا کي ڏني آهي تہ هو ڊڪي خطبو ڏئي. بدوي مطمئن ٿي اعلان ڪيو تہ عمر هاڻي جيڪو حڪم ڪرين تہ اسين ٻڌنداسون ۽ اطاعت ڪنداسون.

حضرت عمر ؓ سردي جي راتين ۽ انڌيري ۾ مدينہ جي گهٽين ۾ گشت ڪندو هو تہ ڪو اڻ وڻندڙ واقعو نہ ٿي پوي يا متان ڪو مسافر ۽ غريب شخص ڪنهن تڪليف ۾ ڦاٿل نہ هجي تہ ان جي مدد ڪئي وڃي. هڪ گھر وٽان گذريا تہ عورت ڇٽي رهي هئي تہ مونکي عمر وساري ڇڏيو آهي. مونکي گھر ۾ ڪجھ بہ ڪونهي. قيامت جي ڏينهن عمر کان حساب وٺنديس. سيدنا عمر سڌو بيت المال ۾ آيو ۽ اتان خوراڪ جو سامان ڪنيائون. پوءِ پنهنجي پاڪ بيبي سان گڏجي ان عورت جي گھر پهتا. سامان سندس گھر پهچايو ويو. ان عورت کي ان وقت ”درد زہ“ بہ هيو ۽ ٻار پيدا ٿيڻ جي قريب هو. پاڪ بيبي ان ۾ تعاون ڪيو ۽ کاڌو پچائڻ ۾ بہ لڳي وئي. ٻارن کي جاڳائي کاڌو کارايو ويو.ڪجھ وقت کان پوءِ ٻار بہ جنم ڏنو. اها عورت چوڻ لڳي تہ اهڙي شخص کي خليفو ٿيڻ گھرجي جيڪو ايتري قدر خدمت گذار ۽ شفقت وارو آهي. حضرت عمر رضہ ان عورت کي چوڻ لڳو تہ امان! عمر کي ڪهڙي خبر تہ توسان اها حالت آهي. ان کي ٻڌائين تہ ها. عورت تاريخي جواب ڏنو تہ: ”تئي ٿو خليفو ۽ اسان غريبن جي خبر گيري بہ نٿو ڪري“. يعني حڪمران کي پاڻ اڳتي وڌي مسڪينن ۽ غريبن جي سار سنڀال لهڻ گھرجي. اها هڪ عظيم عادل حڪمران جي نشاني آهي. ٻار ڄمڻ جي بشارت ڏيندي پاڪ بيبي



جڏهن حضرت عمر رضہ کي فرمايو تہ اي امير المومنين ! پنهنجي ياءُ کي خوشي جي خبر ٻڌاءِ تہ هن جي گھر پٽ ڄائو آهي. اهو جملو ٻڌي عورت ۽ سندس مڙس ششدر رهجي ويا تہ هي رات جي وقت مدد ڪندڙ امير المومنين ۽ سندن پاڪ گھر واري آهي. دنيا تلاش ڪري اهڙي فلاحي حڪومت جي، ڇا ان جو مثال هن ڌرتي تي ملي سگھي ٿو؟

قحط (ڏڪار) پئجي ويو، اناج ختم ٿي ويو، بک، بدحالي ٿي وئي، حضرت عمر پنهنجي رعيت سان گڏ بکون ڪاٽڻ لڳو. ڪجھ خوراڪ جو سامان ۽ جَوَ گھرايا ويا. ڪجھ وقت کان پوءِ ڪڻڪ بہ ميسر ٿي وئي. هڪ ڏينهن ڪڻڪ جي ماني رحم دل حڪمران جي اڳو پيش ڪئي وئي تہ فرمايا ئون تہ: ”ڇا ڪڻڪ جي ماني سڄي مديني جي ماڻهن کي ميسر آهي“؟ جواب مليو تہ سڀني کي تہ نہ آهي پر گھٽي قدر ميسر آهي. فرمايائون: ”ڪڻڪ جي ماني مون کان پاسي ڪيو جَوَن جي ماني کائيندس. جيسيتائين رعيت جي سڀني ماڻهن کي ڪڻڪ جي ماني ميسر ناهي تہ ان وقت تائين عمر ڪڻڪ جي ماني نہ کائيندو.“

ڪفالت جو احساس ايتري قدر گھرو هيو جو فرمائيندا هئا تہ ”دجلہ جي ڪناري تي جيڪڏهن هڪ ڪتو بہ بک وگھي مري ويو تہ قيامت جي ڏينهن عمر کان احتساب ٿيندو.“

اسلام جي فلاحي حڪومت خلافت راشده جي دور ۾ قائم رهي. پوءِ جڏهن حڪومت شام ڏانهن منتقل ٿي ۽ ملوڪيت جو آغاز ٿي ويو تہ پيداواري وسيلن تي هڪ هٽي قائم ٿيندي وئي ۽ زمين جيڪا سڀ کان وڏيڪ پيداواري وسيلو هئي اها حڪمرانن ۽ ان جي خوشامدين جي حوالي ڪئي وئي. ان تي چند جاگيردار قابض ٿيا، ان طرح عام ماڻهو محروم ٿيندا ويا ۽ هڪ جاگيردار طبقو وجود ۾ اچي ويو. اڳتي هلي اسلام جي ڪفالت جي نظام کان يڪسر انحراف ڪيو ويو ۽ پوءِ استحصالي معاشرو وجود ۾ آيو. هڪڙا محنت ڪندڙ محروم انسان ۽ ٻيا محنت نہ ڪندڙ مفت خور انسان. صدين کان وٺي اسان انسانيت جي ان استحصالي نظام مان گذري رهيا آهيون. پوءِ اڳتي هلي صنعتي دور وجود ۾ آيو. ان ۾ سرمايہ داري کي هٽي ملي. محنت ۽ مزدور کي ڪچليو ويو. هاڻي صدين کان پوءِ جڏهن موجوده صورتحال سامهون آئي آهي تہ قرآن مجيد جي تعليم ۽ اسلام جي عادلانہ تعليم کان اسان ايتري قدر اوجهل ٿي ويا آهيون جو اها اوپري پئي لڳي. مذهبي پيشوائن جي بہ فڪر ۽ عمل تي ايڏا پردا تہ پئجي ويا آهن جو چون پيا تہ زمين چند ماڻهن جي قبضي ۾ هجي تہ ڪو خطرو ناهي ڀلي ڪروڙين ماڻهو محنت ڪري بک مرن ۽ جاگيردار عياشيون ڪن، سرمايہ دار فيڪٽريون ۽ مليون ٺاهيندا وڃن ۽ ارب پتي بڻجندا رهن ۽ مزور چند هزار رپين تي وڪامندا رهن ۽ بنيادي ضرورتن کان محروم رهن. ڀل تہ ٿي شرف انساني پائمال ٿيندو رهي، ڪا بہ پرواھ ڪانهي. مذهبي پيشوائيت سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي پشت پناهي پئي ڪري ۽ ان جي خلاف اسلام جي عادلانہ ۽ ڪفالت واري نظام جي نمائندگي ڪندڙن کي بي ديني ۽ اسلام دشمني جي فتوائن سان نوازيو پيو وڃي.

عقل جي اهڙن انڌن کي ڇو خلافت راشده جو نظام ۽ سيدنا عمر فاروق اعظم ؓ جي فلاحي حڪومت جو نمونو نظر نٿو اچي؟ ” قُلِ الۡعَفۡوَ “ ۽ ”وَالَّذِينَ يَكۡنِزُونَ الذَّهَبَ“ واريون آيتون

انهن انڌن کي ڇو نظر نٿيون اچن؟ زمين جي غير محدود ملڪيت ۽ سرمايه داري جي جواز جي فتوائن کان پوءِ به هو ڇا جنت جا حقدار ٿي سگهن ٿا؟

سرمايه داري ۽ جاگيرداري جي حمايت ۽ مذهبي پيشوائيت جو گٺ جوڙ تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڦهليل نظر اچي ٿو. يهودين ۽ نصارن ۾ ”احبار ۽ رهبان“ پيدا ٿيا هئا جيڪي ”ثمن قليل“ جي عيوض فتويٰ فروشي ۽ ”تحريفِ ڪتاب“ جو ڪاروبار ڪندا هئا ۽ الله تعاليٰ مٿن لعنت موڪلي آهي ۽ ذلت جي عذاب جي ڌمڪي ڏني آهي. اهڙيءَ طرح هن امت ۾ به يقيني اهڙائي ”رهبان ۽ احبار“ پيدا ٿي چڪا آهن جيڪي سرمايه داري کي عين اسلام قرار ڏيئي رهيا آهن ۽ بي تحاشا دولت رکڻ ۽ عياشين ڪرڻ تي ڪين غريبن جي محرومي جو اونو نٿو اچي.

”اڄ مسلم ملڪن ۾ جيڪڏهن احتساب ۽ فلاحي حڪومت جي تحريڪ وجود ۾ ايندي ته سڀ کان پهريائين جاگيردار ۽ سرمايه دار طبقي متعلق قرآن مجيد جي تصور کي اجاگر ڪري ان کي رهنما اصول بڻائڻو پوندو ۽ انهيءَ استحصالي نظام جي پاڙ پٽڻ لاءِ انهيءَ طبقي جي خلاف جاکوڙ پهريون هدف قرار ڏيڻو پوندو. ”رب العالميني“ نظام جي بنياد تي تبديلي ممڪن ٿي سگهي ٿي.“


## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاه ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاه ولي الله رحمة الله عليه جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
**نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097**




**نور احمد ميمڻ**

# قرآن مجيد: هدي للناس

قرآن مجيد، انسانن لاءِ آسماني هدايت ۽ رهنمائي جو آخري ۽ هميشه رهڻ وارو دستور آهي. جيئن ته هي اڳين سمورن ڪتابن جي تعليم جو تتمو ۽ خلاصو آهي، تنهن ڪري هن جي حفاظت جو ذمو به الله تعاليٰ پاڻ کنيو:

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ (الحجر:٩)

هن ڪتاب ۾ سمورين قومن لاءِ رهنما بنجڻ ۽ هر وقت هدايت جي سرچشمي بڻجڻ جي صلاحيت موجود آهي. (دنيا جي ڪهڙي به قوم ڪهڙي به وقت ۾ هن تي قانون سازي ڪري، پنهنجي سماج جي جوڙ جڪ ڪندي ته بي شڪ اها ضرور ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪندي). قرآن مجيد انساني قومن جي آزادي، عزت، عظمت، خوشحالي ۽ امن ۽ سلامتي جا جيڪي اعليٰ اصول ٻڌايا آهن، اهي پوري انسانذات جي ترقي، تعمير ۽ نجات ۽ سعادت جا ضامن ثابت ٿيا آهن.

تاريخ تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ هيءَ دعويٰ پڪي پختي يقين سان ڪري سگهجي ٿي ته انسانذات جي ترقي ۽ تعمير لاءِ قرآن جيڪي اصول ۽ قانون سيکاريا آهن، اهڙا قانون انسانذات کي ڪنهن ٻئي قوم يا خطي مان حاصل نه ٿي سگهيا آهن.

زندگي جي مڙني شعبن جي باري ۾ قرآن جي ٻڌايل بنيادي ۽ اصولي قاعدن تي جڏهن به قومن پنهنجا تفصيلي قانون (By laws) مرتب ڪري انهن تي عملي تشڪيل ڪئي، انهن قومن عروج جي بلندين کي حاصل ڪيو ۽ سندن سماج لڳاتار اخلاقي ۽ تمدني ترقي ڪندا رهيا. تاريخ جي اهڃاڻن جي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته جيستائين قرآن جي اصولن جي جيتري پوئواري ڪئي وئي، ان مطابق انسانذات جي ترقي ۽ خوشحالي به قائم رهندي رهي.

قرآن مجيد جي هن تعليم کي سڀ کان اڳ ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان، جن عظيم انسانن حاصل ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو، انهن جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ويو. نه رڳو اهي پاڻ بدلجي ويا پر انهن هر شيءِ جو نقشو تبديل ڪري ڇڏيو. پنهنجو ماحول تبديل ڪيو، پنهنجي چوڌاري رهندڙ انسانن کي تبديل ڪيو ۽ پوءِ ان انقلاب جي خوشبو سڄي دنيا ۾ پکيڙي، دنيا کي ان مان فائدي حاصل ڪرڻ جو اهل بنايو.

هي قرآن جي تعليم جو ئي رنگ هيو جو هڪ نئون فڪر، نئون نظام، نئون سماج ۽ نئون ڪلچر ڏسندي ئي ڏسندي دنيا جي سڀ کان وڏي قوت ۽ طاقت بڻجي ويو.

پر هتي سوال هي آهي ته اهي ڪهڙا عملي محرڪ ۽ سبب هئا جن جي ڪري هڪ ننڍڙي جماعت ٿورڙي ئي وقت ۾ دنيا جو ايڏو عظيم الشان انقلاب پيدا ڪيو ۽ الله جي مشيت (دين جي تڪميل ۽ ان جي غلبي) کي پورو ڪري ڏيکاريو؟

اصل مسئلو هي آهي تہ ان وقت مسلمانن وٽ قرآن ڪنهن هڪ گروهہ يا ٽولي جي ڪتاب جي حيثيت سان نہ هيو. پر اهو ڪتاب پوري انسانذات جي ڀلائي ۽ رهنمائي جي حيثيت ۾ هيو. (هدي للناس) ۽ قرآن واري جماعت بہ ڪا گروهي جماعت نہ هئي، بلڪ پوري انسانيت جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ هڪ انقلابي جماعت هئي، جنهن کي پنهنجي منصب: اخرجت للناس جو پورو پورو شعور ۽ درڪ هيو. تنهن ڪري ان جماعت جو مقصد هڪ گروهہ کي فائدو پهچائڻ نہ هيو بلڪ پوري انسانذات جي ڀلائي سندس فڪر جو بنيادي جز هئي. سندس هر عمل، هر حرڪت، هر ڪوشش ۽ جدوجهد جي اٿندڙ هر وک ان مقصد لاءِ هئي.

ان جماعت جي دعوت، سندس معاشي پروگرام ۽ تمدني فياضي ۽ عطا جا دروازا سڀني لاءِ ڪليل هئا. اهوئي سبب آهي جو اهي جتي بہ ويا، تاريخ تي پنهنجا نقش ڇڏيندا ويا.

پر جڏهن کان قرآن مجيد مسلمانن ۾ هڪ گروهي ڪتاب جي صورت اختيار ڪئي آهي، ان جي تعليم، ان جي قانون ۽ ان جي حڪمت ۽ هدايت کي جيڪا عالمگير آهي، ٽولن ۽ گروهن جي خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي تہ مسلمانن جي اها فڪري ۽ عملي خصوصيت ۽ انقلابي صلاحيت ئي ختم ٿي وئي آهي جنهن جي ذريعي انهن رڻ پٽ ۽ صحرا، سمنڊ ۽ دريا ۽ جهنگ جهر مان گذري عظيم الشان معرڪا سر ڪيا ۽ هاڻي قرآن هڪ گروهہ جو ڪتاب آهي جو هر هڪ ٽولو ان کي گروهي مفادن لاءِ دليلن جو ذريعو بڻايو ويٺو آهي.

تاريخ جي هن چوڏهن سو سالن جي سفر ۾ اسان ڏسون ٿا تہ اڄ جي دور ۾ قرآن مجيد جا هر سال لکن جي تعداد ۾ نسخا ڇپجن ٿا. گهرن، منبرن ۽ مسجدن ۾ ان جي تلاوت بہ وڏي پيماني تي ڪئي وڃي ٿي، ان جي مطلبن ۽ معنائن کي ڄاڻڻ لاءِ تفسير جا وڏا ذخيرا موجود آهن، ان جي تعليم ٻڌائڻ لاءِ جلسن ۽ تقريرن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو هلندو پيو اچي، پر جيڪڏهن ڪا شيءِ نہ آهي تہ اها آهي اها توانائي ، روشني ۽ عملي گرمي جيڪا قرآن جي پڙهندڙن جي زندگيءَ ۾ جذبو ۽ تبديلي پيدا ڪندي آهي.

قرآن جي هوندي، مسلمانن جي ذلت ۽ رسوائي سمجهہ کان ٻاهر ڳالهہ آهي !

ان جو بنيادي سبب هي آهي تہ قرآن جا لفظ اسان جي زبانن تي آهن پر ان جي حڪمت ۽ فلاسافي کان اسان جا ذهن ڪورا آهن. لفظن جون معنائون تہ ڄاڻون ٿا پر پنهنجي دعوت ۽ عمل سان انهن جو پاڻ نمونو نٿا بڻجون. ان کي مقدس ۽ پاڪ سمجهي پنهنجن ذاتي ضرورتن لاءِ استعمال تہ ڪيون ٿا پر ان جي سماجي شعور (Social Understanding) جو اسان کي پتوئي نہ آهي.

جيڪڏهن قرآن جي باري ۾ عام طور شعور آهي تہ رڳو ايترو تہ ان ۾ گذريل قومن ۽ جماعتن جا ڪجهہ قصا ٻڌايا ويا آهن ۽ بس. اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو هي آهي تہ اسان قرآن جي خدائي منشور ۽ دستور جي حيثيت ۽ عظمت کان اڻ واقف آهيون ۽ ٻيو تہ وري اسان جي سمجهڻ ۽ فائدي حاصل ڪرڻ جومعيار بہ هيٺانهون آهي. هڪ تہ مسلڪن جي چار ۾ ڦاٿل هئڻ ڪري قرآن ڏانهن اسان جو رويو بہ اهڙي ئي نوعيت جو آهي، ٻيو تہ جيترو قرآن ۾ غور ۽ فڪر ۽ عقل ۽ تدبر لاءِ چيو ويو آهي اوترو ئي وري اسان ۾ جموديت آهي. قرآن جي سمجهڻ ۾ اسان



پنهنجن عقلن کي استعمال نٿا ڪيون ۽ جيڪڏهن سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون بہ ٿا تہ وري اها عارضي مصلحتن ۽ ماحول جي قيد کان آزاد نہ آهي.

حقيقت ۾ قرآن جي تعليم کي سمجهڻ جي باري ۾ اسان جو رويو ڪائنات جي مالڪ جي تخليقي مشيت (Creation Plant of God) جي مجموعي تقاضائن سان مطابقت نٿو رکي. خدا جي تخليقي مشيت تہ انسان کي "خليفہ" جي منصب سان نوازڻ آهي پر اسان ان تناظر ۾ قرآن ۾ غور ۽ فڪر ئي نٿا ڪريون.

اسلام جي باري ۾ اسان جو رويو، ان کي هڪ مڪمل زندگيءَ جو نظام ۽ دستور سمجهڻ وارو نہ آهي، پر ڪجهہ عبادتن ۾ محدود ڪري ٻڌمت، عيسائي مت ۽ هندومت وانگر هڪ مت وارو آهي. ۽ شايد قرآن وارو رستو قرباني ۽ ايثار وارو آهي، تڪليفن ۽ مشقتن وارو آهي، تنهن ڪري اسان جي بزدلي جو بہ قرآن جي سمجهڻ تي اثر نظر اچي ٿو. اسان اسلام جي حڪمت ۽ فلسفي کان اڻ واقف هوندي رڳو ڪجهہ عبادتون ادا ڪري پاڻ کي ديندار سمجهون ٿا، پر افسوس تہ هي آهي جو انهن عبادتن جي بہ حقيقي روح ۽ خدا کي مطلوب بندگيءَ جي شعور کان بہ وانجهيل آهيون. قرآن مجيد حق ۽ باطل کي چٽو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ پنهنجو مقصد حق جو غلبو ۽ باطل جو مٽجڻ بيان ڪري ٿو: لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ تنهن ڪري قرآن جي مڃيندڙن کي حق ۽ باطل جو شعور هئڻ گهرجي. پنهنجي دور جي مغضوب عليهم ۽ ضالين سان مقابلي جي هر وقت تانگهہ ۽ تڙپ رهي. جيڪڏهن اها ذميواري سندن شعور ۾ نہ آهي تہ پوءِ اهي ڪيئن پنهنجي پالڻهار جي تخليقي مشيت (خليفہ) جي منصب جي ادائگي ڪري سگهن ٿا انساني تاريخ جي هنن ويهن هزار سالن جي سفر ۾ ابتدا کان وٺي انبياء سڳورا (عليهم الصلوٰت والسلام) ۽ سندن پوئلڳ (Followers) وقت جي طاغوتي، فرعوني ۽ قاروني صفت جهڙن سان، عوام (Masses) جي آزادي (Freedom) ۽ معاشي ۽ معاشرتي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. غلامي جي سڀني زنجيرن خلاف بغاوت ڪري انهن کي ختم ڪيو. وڏيون تڪليفون سهي ۽ قربانيون ڏئي ڪري انسانذات کي آزادي جي نعمت ڏني. آخر ۾ قرآن جي حاملين انسانيت کي ترقي ۽ عوام الناس (Masses) کي سماجي حق ۽ انصاف ڏئي ڪري هڪ يادگار خلافت جو تاريخ ۾ مثال قائم ڪري ڏيکاريو. اها خلافت حقيقت ۾ قرآن جي ٻڌايل اصولن ۽ ان جي تعليم جو نتيجو هئي. اڄ اسان جيڪڏهن ان نعمت کان محروم آهيون تہ اهو اسان جي ڪوتاهين جو نتيجو آهي.

جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ مسلمانن کي اهو وڃايل منصب وري حاصل ٿئي، تہ پوءِ اسان کي قرآن جي انقلابي پروگرام ۽ ان جي سماجي شعور (Social Understanding) کي سمجهڻو پوندو. اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ اڄ بہ قرآن چوڏهن سو سال اڳ وانگي اسان جي هدايت جو منبع ۽ سرچشمو آهي، پر رڳو اسان جو رويو ان لاءِ اهو هجي جنهن لاءِ اهو آيو آهي.

قرآن جا ٻڌايل اصول آفاقي ۽ دائمي آهن ۽ انسان جي فطرت بہ ساڳي آهي. ان ۾ ڪا تبديلي ممڪن ئي نہ آهي. نيڪي ۽ بدي، ظالم ۽ مظلوم، مستڪبر ۽ مستضعف، مجبور ۽ طاغوت، منڪر ۽ مشڪور اڄ بہ ساڳيا آهن. رڳو شڪل ۽ صورت بدليل آهي. جيڪڏهن اسان

اڄ بہ خدا کي گهربل بندگيءَ واري زندگي گذارڻ جو عزم ڪيو تہ اهي ڪردار اسان کي پنهنجي چوڌاري ضرور نظر ايندا.

قرآن جو تہ بنيادي مقصد ئي هي آهي تہ نيڪي ۽ بديءَ ۾ فرق کي چٽو ڪري. ظالم کي سزا ڏئي، مظلوم کي انصاف ڏياري، مستڪبرين کي پنهنجو انجام ڏيکاري ۽ مستضعفين کي سندن وڃايل تخت، مجبور کي آزادي ڏئي ۽ طاغوت کي ختم ڪري. منڪرين جي پڪڙ ڪري ۽ مومنن تي نعمت جي تڪميل. توهان تيستائين قرآن جي حڪمت ۽ ان جي روح کي سمجهي نٿا سگهو جيستائين توهان جي عملي زندگي قرآن جي مطلوب بندي واري نہ هجي. توهان انهيءَ دعوت جي ڪم جو آغاز ڪيو، قرآن جي تعليم توهان لاءِ رهنمائي جي روشني فراهم ڪندي هلندي. توهان جي اڳيان اهي ئي تجربا ايندا ويندا جيڪي پهرئين دور ۾ قرآن جي مڃيندڙن کي پيش آيا. پر جيڪڏهن توهان جي ڪا عملي ڪارڪردگي آهي ئي ڪونہ، توهان ڪو سماج جي ڀلائيءَ جو ڪم ڪيو ئي نٿا، تہ پوءِ توهان پنهنجو ڳانڍاپو قرآن سان ڪيئن جوڙيندا. توهان جي ميز تي رکيل قرآن جي تلاوت ۽ ان جي تعليم توهان جي علم (Knowledge) ۾ اضافو تہ ڪندي، پر توهان جي شخصيت جي تعمير (Development) خدا جي آئيڊيل انسان واري نہ ٿيندي. قرآن مجيد ڪو محض فڪري ۽ نظرياتي ڪتاب نہ آهي، بلڪ ان جي تعليم عملي (Practical) آهي. ان جا احڪام، سندس اخلاقي فلسفو، معاشي نظريو، عمراني اصول ۽ قانون تيستائين سمجهہ ۾ نہ ايندا جيستائين انهن مطابق عملي زندگي (Practical Life) اختيار نہ ڪئي ويجي.

مطلب تہ اهو فرد قرآن کي سمجهي نہ سگهندو، جنهن پنهنجي فردي ۽ جماعتي زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ قرآن کان پاڻ کي پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي وري اها قوم ڪڏهن ترقي ڪري سگهندي جنهن جا اجتماعي ادارا قرآن جي اخلاقي تعليم کان خالي آهن.

(سنڌيڪار: عبداللطيف نانگراج)

دنيا ۾ هڪ ٻيو قانون بہ آهي. ڪنهن وقت الله جي قهر کي جوش بہ ايندو آهي. جڏهن ظلم ۽ ڏاڍ جون شيطاني قوتون وڌي وينديون آهن تہ پوءِ ايئن بہ ٿيندو آهي تہ هي دنيا طاقتورن بجاءِ ڪمزورن جي حوالي ڪئي ويندي آهي. اها ئي زمين جيڪا ڪمزورن لاءِ قتل گاهہ هوندي آهي سا طاقتورن جي قتل ٿيڻ جي نمائش گاهہ بڻجي پوندي آهي. ان ڏينهن تي هيٺن کي ڏاڍو ۽ ڏاڍن کي هيٺو بڻايو ويندو آهي. اهي جيڪي ڪمزور بڻايا ويا هئا، جيڪي بي يار و مددگار هئا، روئڻ، پٽڻ، دانهن ڪوڪن ۽ ڪرڻ لاءِ هئا، وقت اچڻ تي الله جي احسان ۽ مددگار جا حقدار بڻجن ٿا ۽ ڪمزوري جي جاءِ تي طاقت، بيڪسي جي جاءِ تي فرمانروائي ۽ روئڻ پٽڻ جي جاءِ تي کلڻ ۽ خوشيون ملهائڻ ماتم جي جاءِ تي عيش ۽ عشرت ۽ لٽجڻ جي جاءِ تي لٽڻ وارا بڻجي سڄي دنيا ۾ نمايان ٿي پوندا آهن. فرعوني طاقت جي جاءِ تي موسوي طاقت جهٽ پٽ ۾ دنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيندي آهي ۽ ڪيترن ئي صدين کان ڪريل ۽ تباهہ ٿيل قومون رباني ظهور جي لاءِ شان شوڪت سان وري دنيا جون وارث بڻايون وينديون آهن.

*(مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون، ص 91)*



ڊاڪٽر الطاف جاويد

# انساني تخليق جو مقصد

الله تعاليٰ انسانن ۽ جنن جي تخليق جو مقصد پنهنجي "عبادت" قرار ڏنو آهي وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ (الذاريات. ٥٦) "۽ مون جنن ۽ انسانن کي هن لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ منهنجي عبادت ڪن."

سمورن نبين ۽ رسولن عليهم السلام جي بعثت جو مقصد اها ئي دعوت هئي، ڇاڪاڻ تہ الله جي عبادت ئي انسان جو حقيقي مقصد آهي.

جڏهن الله جي عبادت ئي زندگيءَ جو حقيقي مقصد آهي تہ ان جي مفهوم جو صحيح تعين ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب جي صحيح سمجهاڻيءَ کي پهرين ترجيح ملڻ گهرجي. هيءُ اصطلاح هڪ اهڙي نئين تعبير جي تقاضا ڪري ٿو، جيڪا جديد دور ۾ عقيدن، عبادتن، اخلاق، رياستي معاملن ۽ حڪومتي، معاشرتي، معاشي، سياسي، تهذيبي ۽ تمدني مسئلن ۾ الله جي ذات کي مرڪز ثابت ڪري.

ان لحاظ کان تربيتي عبادتون (نماز، روزو، حج ۽ زڪوات) هن وسيع ۽ گهڻ پهلوئي عبادت جو جز آهن حڪم، حڪومت ۽ رياست جي سمورن مسئلن- معاشرت، معيشت ۽ سياست جي سمورن معاملن- انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي تعلقات ۽ رابطن جي سمورن اصولن ۽ قاعدن کي توحيد جي بنياد تي بيهارڻ الله جي عبادت جا مختلف پهلو آهن.

"اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" (يوسف-٤٠) الله کان سوءِ ڪنهن جي حاڪميت ڪانهي، اُن حڪم ڏنو آهي تہ ان کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. اهو ئي مضبوط رستو دين آهي. پر گهڻا ماڻهو اها حقيقت ان انداز سان نہ ٿا ڄاڻن."

پوري معاشي ۽ معاشرتي نظام کي بدلائي ان کي توحيد جي اصولن تي نئين سر قائم ڪرڻ صلوات جو عملي نتيجو آهي. ان تي شعيبؑ کان سندس قوم تعجب وچان پڇيو هو: قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا (هود:٨٧) "انهن چيو تہ شعيب! ڇا تنهنجي نماز اهو سيکاري ٿي تہ جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، اسين انهن کي ڇڏي ڏيون، يا پنهنجي مال ۾ جيڪو تصرف ڪرڻ چاهيون، نہ ڪريون."

ڪائنات جي تسخير، انسانيت جا سمورا معاملا- خالق، مخلوق ۽ ڪائنات جي تعلق جا فطري اصول پروڙڻ ۽ انهن جي مطابق انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ، الله جي عبادت آهي. توحيد، عبادت ۽ نماز جي هن مفهوم ۽ معنيٰ کي عملي جامو پهرائڻ، يعني ان کي سماجي عمل ۾ بدلائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان ڏس ۾ ڊاڪٽر گورايہ لکي ٿو تہ: "الله جي عبادت جي هن وسيع ۽ گهڻ پهلوئي تصور کي عملي جامو پهرائڻ جو فطري ۽ سائنسي ذريعو اها هدايت آهي، جيڪا قرآن ۾ محفوظ آهي"

هلندڙ دور ۾ قرآن جي دعوت جو مقصد فطري ۽ سائنسي طريقي جي دريافت ۽ ڪائنات ۽ زندگيءَ جي سمورن معاملن کي ان تي بيهارڻ لاءِ عملي پروگرام ترتيب ڏيڻ آهي، جنهن جا

ڪجھ اصول هي آهن:

1- جديد سائنسي، ٽيڪنيڪي، حياتياتي، نفسياتي، معاشي ۽ جمهوري نظرين ۽ تصورن جي عظمت کي مڃيندي ان جي اصولن ۽ بنيادن تي تحقيق ڪرڻ ۽ ڏسڻ ته اهي ڪيتري حد تائين الله جي عبادت جي قرآني تصور سان مطابقت رکن ٿا ۽ ڪيتري حد تائين ان سان ٽڪراءُ ۾ آهن.

2- فرد، خاندان، قبيلي، قوم جي تعلقات ۽ رياستي مسئلن، حڪومتي معاملن، معاشرتي لاڳاپن کي الاهيات جي عقيدن مان جاري ٿيندڙ دين جي اخلاقي ۽ روحاني قدرن تي بيهارڻ، ته جيئن فرد ۽ معاشري جا لاڳاپا ۽ فرد، معاشري ۽ رياست جا رابطا الله جي عبادت جي عقيدي سان سلهاڙجي وڃن.

3- عقيدن، عبادتن ۽ ڪار ونهوار جي اهڙي نئين تعبير ڪرڻ جنهن ۾ اهي هڪ ٻئي جا مددگار، سهڪاري ۽ هڪٻئي سان جڙيل ٻڌجن ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن. حقوق الله ۽ حقوق العباد ۾ ان توازن ۽ مناسبت کي اجاگر ڪرڻ، جنهن کي قرآن "فطرة الله" چيو آهي:

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِیۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیۡهَا ؕ لَا تَبۡدِیۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ (الروم. ٣٠)

"الله جي فطرت کي جنهن تي انسان کي پيدا ڪيو اٿس (اپنايو)، الله جي ٺاهيل فطرت ۾ تبديلي نٿي ٿي سگهي."

4- گذريل دور جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام کي هوبهو موٽائڻ ۽ ان جي نشات ثانيه بدران اسلام جي فطري، ابدي، سرمدي ۽ آفاقي اصولن کي چٽي ۽ ڪليل انداز ۾ پيش ڪرڻ، ته جيئن انهن جي بنياد تي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام وجود ۾ اچي سگهجي، ڇاڪاڻ ته نظام فطرت ارتقا پذير آهي.

جنهن نسبت سان فطرت ۽ معاشرت ارتقا ڪن ٿا، انهيءَ نسبت سان قرآني قدرن جي بنياد تي نئون نظام پڻ گهربل آهي.

5- قرآني تعليم کي پيش ڪرڻ وقت هن اصول کي سامهون رکڻ ته قرآني تعليم جي هڪ تعبير هر دور جي تقاضائن مطابق ممڪن آهي ۽ جن تعليمات جي تعبير ماضيءَ ۾ خارجي تقاضائن جي فقدان سببان اجا تائين نه ٿي آهي، انهن جي پهرين تعبير کي پليڪار چوڻ ۽ ان جي حوصله شڪنيءَ بدران حوصله افزائي ڪرڻ دعوت الي القرآن آهي. قرآن هر زماني جي تقاضائن لاءِ هدايت رکي ٿو. هن زماني جي ماڻهن جو فرض هي آهي ته هو پنهنجي زماني جي ماڻهن لاءِ محفوظ هدايت جي تلاش ڪن. گذريل دورن جي رهنمائن پنهنجي پنهنجي دور جي تقاضائن لاءِ هدايت تلاش ڪئي هئي، هاڻوڪو دؤر يا مستقبل جون حالتون ۽ تقاضائون انهن جي آڏو نه هئا، هو انهن تي سوچڻ جو اظهار ڪيئن ڪن ها؟

قرآن جي تعليم نه بدلجندڙ آهي پر مختلف دورن ۽ علائقن ۾ ان جون تعبيرون بدلجندڙ آهن. شريعت خدا جي عطا ڪيل آهي، اها اڻ بدلجندڙ آهي. شريعت جي تعبير انساني بناوٽ آهي، اها بدلجندڙ آهي. هي ٻه قرآن ڏانهن دعوت آهي ته ابدي، حتمي، قطعي، اٽل ۽ اڻ بدلجندڙ کي وقتي، عارضي، بدلجندڙ ۽ ڦرندڙ کان الڳ ڪجي ۽ ڪنهن ڏوراپي ڏيندڙ جي ڏوراپي جي پرواھ ڪرڻ کانسواءِ شريعت کي شريعت ۽ شريعت جي تعبير کي، شريعت جي تعبير چئجي.

منهنجي نظر ۾ مٿيان پنج اصول قرآن ڏانهن دعوت جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪري سگهن ٿا. (سنڌيڪار: عبدالمؤمن ميمڻ)



مولانا ابوالڪلام آزاد

# زڪوات جو شرعي نظام

دنيا ۾ ڪو به اهڙو دين نه آهي جنهن ۾ محتاجن ۽ غريب انسانن جي خدمت ۽ مدد جي تلقين نه ڪئي وئي هجي ۽ ان کي دين جو بنيادي جز قرار نه ڏنو ويو هجي. پر هي خصوصيت صرف اسلام جي آهي جنهن پنهنجي مڃيندڙن مان سرنديءَ وارن تي هڪ مقرر آمدني جو ٽيڪس هر سال لازم ڪري ڇڏيو آهي. وري ان عمل کي ايتري اهميت ڏني آهي جو نماز کانپوءِ متصل ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

قرآن مجيد ٻنهي عملن (نماز ۽ زڪوات) کي هر جڳهه تي گڏ ذڪر ڪري ٻڌايو آهي ته ڪنهن به جماعت جي اسلامي زندگي جي سڃاڻ هي ٻئي عمل آهن. ۽ اهو ئي سبب آهي جو صحابه رضوان الله عليهم اجمعين زڪوات جي منڪرن سان جنگ ڪئي.

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو: "والله لاقتلن من فرق بين الصلاة والزكواة" (متفق عليه)

هن باب ۾ ٻي خصوصيت اسلام جي زڪوات جي حڪمت جي باري ۾ آهي يعني علت (Cause). جيڪا صرف زڪوات جي ئي نه، بلڪ سڀني صدقن ۽ خيراتن جي آهي، ان سان معاملو بلڪل ٻي صورت اختيار ڪري ٿو ڇڏي. اها آهي: كَيۡ لَا يَكُوۡنَ دُوۡلَةًۢ بَيۡنَ الۡاَغۡنِيَآءِ مِنۡكُمۡ ﴿الحشر:٧﴾ " تانجو ائين نه ٿئي جو دولت صرف ڪجھ هٿن ۾ بند رهجي وڃي". يعني زڪوات جي فلاسافي هيءَ آهي ته دولت جو ڦهلاءُ ٿئي. معاشري جو هر هڪ فرد ان وهندڙ سمنڊ مان حصو ۽ فائدو حاصل ڪري. هڪ خاص گروھ جي اجاره داري قائم نه رهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن حضرت معاذ رضي الله عنه کي يمن ڏانهن موڪلي رهيا هئا ته ان کي فرمايائون: "(دولت) ان علائقي جي دولت مندن کان ورتي ويندي ۽ محتاجن ۽ غريبن تي خرچ ڪئي ويندي". (رواه الجماعه)

انهن وضاحتن مان معلوم ٿئي ٿو ته قرآن جو اقتصادي روح احتڪار (بنيادي ضرورت جي شين کي روڪڻ)، اڪتناز (دولت کي گڏ ڪرڻ) ۽ اختصاص (دولت جو ڪجھ هٿن ۾ بند رهڻ) جي نفي ڪري ٿو، يعني دولت جي وهڪري مان هر هڪ فيض ياب ٿيڻ گهرجي. غور ڪيو وڃي ته اسلام ۾ وراثت ۽ خاص خاص حصن جي باري ۾ طئي ٿيل قانون جي به فلاسافي اهائي نظر ايندي. اهو ئي سبب آهي جو ان وياج کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ هي قاعدو ٻڌايو آهي ته: يَمۡحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرۡبِي الصَّدَقٰتِ ﴿البقره:٢٧٦﴾ " الله وياج (مفاد پرستي) جو جذبو ختم ڪرڻ گهري ٿو ۽ صدقي (عام ڀلائي) جي جذبي کي وڌائڻ گهري ٿو" ۽ وري سورة البقره ۾ انفاق جي حڪم کان پوءِ هي فرمايو ويو آهي: يُّؤۡتِي الۡحِكۡمَةَ مَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَمَنۡ يُّؤۡتَ الۡحِكۡمَةَ فَقَدۡ اُوۡتِيَ خَيۡرًا كَثِيۡرًا ؕ (يعني آمدني جو مخصوص حصو سوسائٽي جي غريب طبقي کي ڏيڻ، وڃائڻ نه آهي بلڪ حاصل ڪرڻ آهي. هيءَ وڏي حڪمت ۽ دانائيءَ جي ڳالھ آهي ۽ اها ڳالھ اهي ئي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا جيڪي عقلمند ۽ حڪمت وارا هوندا. بي شڪ حڪمت جي دولت، تمام وڏي دولت

آهي.) قرآن، سنت ۽ صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين جي عملي زندگي جي مطالعي مان مون کي هن ڳالهہ تي پورو يقين ٿي ويو آهي تہ اسلام جي اقتصادي نظام ۾ احتڪار ۽ اڪتنار لاءِ ڪا بہ جڳهہ نہ آهي. اڄ جيڪڏهن مسلمان ڪجھ بہ نہ ڪن، رڳو زڪوات جو نظام ئي قرآن جي مطابق پنهنجي عملي تقاضائن ۽ سمورن لوازمات سان گڏ نافذ ڪن تہ جيڪر سندن سڀ مصيبتون ۽ ڏکيائون پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن. پر هتي وڏي مصيبت اها آهي تہ، يا تہ قرآن جي حڪمن تي عمل ئي نٿو ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن ڪيو بہ وڃي ٿو تہ اهڙي طرح جو چڻ اهو بہ ”ترڪِ عمل“ جي ٻي صورت آهي.

زڪوات جو نظام هڪ خاص نظم ۽ ضبط سان جڙيل آهي ۽ انهيءَ نظم ۽ ضبط تي ئي ان جون سڀ مصلحتون ۽ عملي مقصد موقوف آهي. زڪوات اڄڪلهہ وانگر هڪ انڪم ٽيڪس آهي، تنهن ڪري ان جي ادائگيءَ جو انفرادي طريقو صحيح نہ آهي بلڪ حڪومت جا ڪارڪن ان جي وصولي ڪندا ۽ پوءِ اها رقم بيت المال ۾ گڏ ڪئي ويندي. پوءِ اها جڳهہ ۽ موقعي جي لحاظ کان ضرورت آهر استعمال ڪئي ويندي. ان پلاننگ سان بهترين ترتيب قائم ڪري اسلامي رياست پنهنجا ڀربل هدف حاصل ڪري سگهي ٿي.

زڪوات جي ادائگيءَ جي ڄاڻايل صورت خود قرآن ۾ (اشارة النص جي ذريعي) بيان ٿيل آهي. ڇو تہ جيڪڏهن اها صورت نہ هجي ها تہ پوءِ زڪوات جي مستحقن ۾ ”العاملين عليها“ (حڪومت جي طرفان زڪوات وصول ڪندڙ عملو) کي ڇو شامل ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري مسلمانن کي اهو حڪم ڏنو ويو آهي تہ اهي پنهنجي زڪوات حڪومت جي عملي کي ڏين، ائين نہ هجي جو پنهنجو پاڻ انفرادي طور تي ادا ڪن. سعد بن وقاصؓ جي روايت ۾ صاف صاف موجود آهي: ادفعوا اليهم ما صلوا (جيستائين اهي نماز پڙهن ٿا، زڪوات جي ادائگي انهن جي ذريعي ڪيو.)

(اسلام جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هڪ منظم سسٽم هيٺ ئي زڪوات جي ادائگي رهي آهي.)

سنہ ۷ هجري ڪانپوءِ واري زماني ۾ جڏهن تاتارين جي سيلاب اسلامي مملڪتن کي لوڙهي ڇڏيو تہ زڪوات جو نظام بہ انفرادي ٿي ويو. هاڻي حشر هي آهي جو مسلمان زڪوات جي اصل نظام کان صفا غافل ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي تہ زڪوات جي باري ۾ بنيادي تصور (Concept) ئي هي رهيو آهي تہ اها انفرادي صوابديد هيٺ ئي ادا ڪري سگهجي ٿي، ان جي ڪابہ جماعتي يا اداري واري شڪل نہ ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ قرآن جنهن زڪوات جو حڪم ڏنو آهي اها اجتماعي زڪوات آهي. تنهن ڪري الڳ الڳ ۽ پنهنجي صوابديد جي مطابق زڪوات ڏيڻ وارو آخرت ۾ الله وٽ جوابده رهندو. (هتي هي مسئلو ياد رکڻ گهرجي تہ زڪوات جو پنهنجو هڪ پورو نظام آهي، ان جو متبادل هي فلاحي انجمنون ۽ ٽرسٽون نٿيون ٿي سگهن) جيڪڏهن فلاحي ٽرسٽن (Social Trusties) ۽ ڪجھ دولت مندن جي فلاحي انجمنن سان قوم جو اقتصادي مسئلو حل ٿي سگهي ها تہ پوءِ يورپ ۽ آمريڪا کان وڌيڪ ڪير انهن جو دلداده آهي. پر ان جي باوجود بہ ڪوبہ قومي اقتصادي سسٽم غربت ۽ افلاس کي ختم نہ ڪري سگهيو آهي ۽ هلاڪت ۽ نقصان جا ڪڪر هر وقت انهن تي ڇانيل رهن ٿا.



حقيقت هيءَ آهي تہ ماڻهن جي وقتي ۽ عارضي فياضي ڪٽي ڪيتري بہ وڌيڪ هجي، قوم جي اجتماعي زندگي جي قيام ۽ خوشحالي لاءِ ڪفيل نٿي بڻجي سگهي. ان صورتحال جو واحد علاج اهو آهي جيڪو اسلام تيرنهن سو سال اڳ ٻڌايو. يعني قانون سازيءَ ڪري هڪ منظم سسٽم هيٺ قوم جي پوري آمدني جو هڪ مقرر حصو ڪمزورن ۽ مسڪينن جي پرگهور لهڻ لاءِ مختص ڪيو وڃي. زڪوات پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان عام صدقن ۽ خيراتن کان عليحده حيثيت رکي ٿي. هي هڪ انڪم ٽيڪس آهي جيڪو اسلامي حڪومت هر ڪمائيندڙ کان وصول ڪري ٿي، بشرطيڪ سندس ڪمائي ضرورت کان وڌيڪ هجي.

پر عام ٽيڪسن ۽ زڪوات ۾ ٻہ وڏا فرق آهن: هڪ تہ زڪوات ۾ وسعت آهي، اها صرف ڪاروباري شين تي لاڳو نہ ٿي ٿئي بلڪ چوپايو مال، وڌندڙ ملڪيتون ۽ رکيل سون ۽ چاندي وغيره ان ۾ داخل آهن. ٻيو تہ زڪوات جا مصارف (جنهن تي زڪوات خرچ ڪئي وڃي) مخصوص آهن. انهن کان علاوه ٻئي هنڌ زڪوات جو مال خرچ ڪرڻ جائز نہ هوندو.

يا د رکڻ گهرجي تہ جهڙي طرح محبت اکين جي بصارت کي حق کان انڌو ۽ صداقت جو آواز ٻڌڻ کان ٻوڙو ڪري ٿي، بلڪل تهڙي طرح عداوت بہ اکين کان انڌو ۽ ڪنن کان ٻوڙو بڻائيندي آهي. سچائي جي روشني نظر اچي ٿي، پر هو ان کي نٿو ڏسي، حق جو آواز بلند ٿئي ٿو، پر هو نٿو ٻڌي. ڇاڪاڻ تہ ڪلفت نٿي چاهي تہ انسان غير جي سچائي ۽ حقيقت جو اعتراف ڪري. آزادي جي سفر جي هڪ ڏکي دشوار منزل اها بہ آهي، جنهن کي صرف اهو ماڻي سگهي ٿو، جيڪو ان ميدان جو مجاهد ۽ ان معرڪي جو بهادر هجي. جيڪڏهن انسان لاءِ اهو مشڪل آهي تہ پنهنجي غلطي ۽ انحراف عن الحق کان قبول ڪري ، تہ پوءِ هي ان کان بہ وڌيڪ مشڪل آهي، تہ پنهنج دسمن جي سچي راءِ ۽ سچي عمل کي پنهنجي هٺ ۽ زبان سان قبول ڪري. مسلمان ۽ مومن جي آزاد زندگي جي فرضن مان هڪ فرض هي بہ آهي تہ جيڪڏهن انصاف ۽ عدل، حق ۽ سچاڻ هن جي جاني دشمن وٽ هجي، تڏهن بہ ان ايماني روح اڳيان، جيڪو هن جي هٺ ۾ آهي، پنهنجو سر جهڪائي ڇڏي.

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُونُوا قَوَّامِينَ لِلَّهِ شُهَدَاءَ بِالْقِسْطِ ۖ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَآنُ قَوْمٍ عَلَىٰ أَلَّا تَعْدِلُوا ۚ اعْدِلُوا هُوَ أَقْرَبُ لِلتَّقْوَىٰ ۖ وَاتَّقُوا اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ

مسلمانو! الله لڳ حق جي شاهدي ڏيڻ لاءِ آماده رهو! ڏسو ڪنهن قوم جي عداوت ۽ دشمني توهان کي حق ۽ عدل کان باز نہ رکي. عدل ۽ انصاف کان ڪم وٺو، ڇاڪاڻ تہ اُهو پرهيزگاري کان ڏاڍو ويجهو آهي ۽ توهان جي عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. (المائده.8)

ڇا ان ڪانپوءِ بہ ڪينو ۽ ڪلفت ڪنهن مسلمان کي حق جي اعتراف ڪرڻ کان روڪي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن روڪي سگهي تہ، هو اسلام جي برڪت ۽ رحمت کان محروم آهي.

*(مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون: ص154، 153)*

**خواجہ غلام الدين سيد**
سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو

# قومن جي تقدير

جيڪڏهن اسان تاريخ جا ورق اٿلايون تہ بار بار اهو تماشو نظر ايندو تہ قومون پيدا ٿينديون آهن، عروج ماڻينديون آهن، تمدن جي سرمائي ۾ ڪجهہ واڌارو ڪنديون آهن ۽ پوءِ هوريان هوريان انهن جو زوال شروع ٿيندو آهي. ايستائين جو آخر ۾ رڳو انهن جو عبرت جوڳو افسانو تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ رهجي ويندو آهي. ڇا اهو بہ انسان جي مرڻ، جيئڻ ۽ سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ وانگر هڪ اٽل ۽ فطري حادثو آهي، جنهن ۾ انسان جي هٿن جي ڪاريگريءَ جو ڪو عمل دخل ڪونهي يا ان ۾ ڪنهن سماجي ۽ اخلاقي قانون جي ڪارفرمائي آهي؟ منهنجي خيال ۾ قومن جي عروج ۽ زوال کي رڳو ڪنهن ٻاهرين طاقت جي تابع قرار ڏيڻ بي سمجهيءَ جو ثبوت آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ قومون خود پنهنجي عمل سان پنهنجو حال ۽ مستقبل ٺاهينديون آهن ۽ پنهنجي ئي بداعمالين ڪري تباهہ ٿينديون آهن. قدرت جو قانون تہ انصاف تي ٻڌل آهي، اهو نہ ڪنهن قوم تي ظلم ڪندو آهي ۽ نہ ان جي هرويرو ناز برداري ڪٽندو آهي. قرآن حڪيم جي لفظن ۾ ان حقيقت کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي: ”خدا ڪنهن قوم جي حالت تيستائين نہ بدلائيندو آهي جيستائين اهي پاڻ پنهنجي اندروني صلاحيتن کي تبديل نہ ڪن يا پنهنجي حالت نہ بدلائين.“ (الرعد:١١)

تنهن ڪري مسئلي جي صورت اها ٿي بڻجي تہ قومن لاءِ سٺي ۽ خراب عمل جا معيار ڪهڙا آهن؟ ڪهڙا وسيلا ۽ سبب آهن، جيڪي سندن زندگيءَ ۾ قوت ۽ سونهن پيدا ڪن ٿا ۽ ڪين ڪهڙا ڪمزوري، بداخلاقي ۽ زوال ڏانهن وٺي وڃن ٿا؟ قدرت فردن ۽ قومن کي مختلف قسمن جون جسماني، دماغي ۽ اخلاقي قوتون، صلاحيتون ۽ مادي وسيلا عطا ڪيا آهن ۽ ڪاميابيءَ لاءِ هيءُ شرط رکيو آهي تہ هو انهن کي ضايع نہ ڪن، بلڪ هڪ قيمتي امانت سمجهي انهن مان پورو پورو فائدو وٺن. اسلام جي اصطلاح ۾ ڪنهن نعمت جي مناسب استعمال کي ”شڪر“ چوندا آهن. جيڪي قومون شڪر جو فرض ادا ڪنديون آهن ۽ پنهنجي دولت، علم ۽ قوت کي ڪفايت ۽ معقوليت سان استعمال ڪنديون آهن، انهن جون قوتون ۽ صلاحيتون فروغ ماڻينديون آهن ۽ ڪين دنيا ۾ ڪاميابيون حاصل ٿينديون آهن. ان جي ابتڙ جيڪي قومون انهن نعمتن جو غلط استعمال ڪنديون آهن، انهن جون قوتون هيٺيون ٿي پونديون آهن. اهو ئي مڪافات عمل يا جزا ۽ سزا جو قانون آهي.

خدائي فرمان آهي: ”جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ تہ توهان جي نعمتن ۾ واڌارو ڪندس، پر جيڪڏهن نعمتن جو ڪفر (ناشڪري) ڪندؤ تہ منهنجو عذاب بہ سخت آهي.“ (الابراهيم:٧) پر اهو عذاب خدا جي طرفان سڌو سنئون نازل ناهي ٿيندو، پر قدرت جي قانونن جو نتيجو هوندو آهي، جيڪي ٻرندڙ جبلن جي لاون وانگر ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن. ايستائين جو جيڪي قومون ظاهري طور خوشحال ۽ طاقتور ڏسجن ٿيون، اوچتو قانون جي سخت پڪڙ ۾ اچي ڌوڙ ٿي وينديون آهن. ان تعزير ۽ سزا ۾ دير ٿي سگهي ٿي،



پر ان کان ڇوٽڪارو ممڪن ناهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم ۾ فڪر ۽ عمل جي جدوجهد ۽ ڪوشش ۽ طلب جي صلاحيت گهٽبي آهي، ان جي عبرتناڪ انجام جو پاڇو وڌڻ ۽ پکڙجڻ شروع ٿي ويندو آهي.

هينئر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ قوم ۾ صالح حياتيءَ ۽ جياپي جو بنياد وجهڻ لاءِ ڪهڙا شرط ضروري آهن؟ منهنجي خيال ۾ قومي ترقيءَ لاءِ سڀ کان پهريون شرط اهو آهي تہ، قومي زندگيءَ جو بنياد سماجي انصاف جي اصولن تي رکيو وڃي. ان صفت کانسواءِ ٻيا سمورا ڪمال بيڪار آهن يا بيڪار ٿي ويندا آهن. جنهن سماج ۾ انصاف نہ هوندو آهي اتي تلوار ۽ قلم، ادب ۽ آرٽ، دولت ۽ واپار، قوت ۽ حڪومت سيني کي ڪا شيءِ اندر ئي اندر اڏوهيءَ وانگر کائيندي رهندي آهي. ايستائين جو هڪ ڏينهن اها سڄي عمارت پٽ اچي پوندي آهي. قديم يونانين جي تهذيب جنهن ۾ علم ۽ آرٽ جي هم آهنگيءَ هڪ خاص من موهيندڙ شان پيدا ڪري ڇڏيو هو ۽ قديم رومي تهذيب جيڪا پنهنجي ڪشادي مملڪت، دانائي ۽ سياسي قوت تي ناز ڪندي هئي، اهي ٻئي ڇو تباهہ ٿيون؟ ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ سمورن انسانن جو بحيثيت انسان جي احترام نہ هيو ۽ ان ڏيک ويک ۾ وٽندڙ ٻاهرين سطح جي اندران غريبن ۽ مظلومن جون اهڙيون اونداهيون زندگيون دٻيل هيون، جيڪي تهذيب جي روشنيءَ ۽ عام انساني حقن ٻنهي کان بلڪل محروم هيون. پر مثالن لاءِ ماضيءَ ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، اڄ بہ مغربي تهذيب جي ناڪاميءَ جو عبرت انگيز نظارو اسان جي اکين آڏو آهي. اتي هڪ پاسي سائنس، صنعت ۽ حرفت جي ترقي ۽ انساني دماغ جي تخليقيت انسان جي ڪم ڪرڻ ۽ دولت ڪمائڻ جي صلاحيت کي سؤ ڀيرا وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ٻئي پاسي سرمائيداري جي ظلمن سبب ڪيترائي ملڪ غربت، جهالت ۽ بيڪاريءَ ۾ گرفتار آهن. انسان وٽ اڄ اهڙا علمي ۽ مادي وسيلا موجود آهن، جن جي مدد سان هو غربت ۽ بيڪاريءَ کي ختم ڪري سگهي ٿو، بيمارين جي روڪٿام ڪري سگهي ٿو، ماڻهن جي رهڻ لاءِ گهر، پائڻ لاءِ ڪپڙا ۽ پڙهڻ لاءِ ڪتاب مهيا ڪري سگهي ٿو، پر ڇاڪاڻ تہ سماجي لاڳاپن ۾ انصاف جي ڪارفرمائي ڪونهي، تنهن ڪري سائنس جي ترقي وڏي حد تائين بيڪار بڻيل آهي ۽ خوشحالي ۽ امن امان اٽلپ آهن. انهيءَ صنعت ۽ حرفت جي ترقي ۽ چرپر جي آساني ۽ تيزيءَ ڪري قومن ۾ هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۽ انحصار جو هڪ نئون احساس پيدا ٿيو آهي. انهن حالتن ۾ دولت ۽ ٻين مادي وسيلن جي مناسب ورهاست نہ رڳو انصاف ۽ اخلاق جي روءِ سان ضروري آهي، بلڪ عملي طور پڻ ان کان سواءِ چارو ڪونهي. پر اهو انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن قوم جي فردن ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هجي. قوم جو هر فرد اجتماعي عزت ۾ پنهنجي عزت ۽ اجتماعي ذلت ۾ پنهنجي ذلت سمجهي ۽ رڳو پنهنجو فڪر ڪرڻ بدران انصاف جي اصول تي عمل ڪري. نہ تہ ٻي صورت ۾ خود غرضي، تعصب ۽ نفاق جو دور شروع ٿي ويندو آهي، جيڪو پڪ سان اجتماعي زوال جي شروعات آهي.

قومي ترقيءَ لاءِ ٻيو اهم شرط محنت، جفاڪشي ۽ حلال روزي ڪمائڻ آهي. فردن وانگر جماعتن ۽ قومن لاءِ پڻ چرپر، تحرڪ ۽ جدوجهد ضروري آهي. جڏهن ڪا قوم عمل ۽ جدوجهد واري جياپي کان لنوائيندي آهي ۽ ان جا فرد عيش عشرت يا گوشہ نشينيءَ کي ترجيح ڏيندا آهن تہ سندن قوتون ۽ صلاحيتون زنگجي وينديون آهن ۽ جسماني ۽ ذهني ڪاهليءَ جي

منجهن عادت پئجي ويندي آهي. ماڻهو ڪم کان بيزار ٿيڻ لڳندا آهن ۽محنت ۽ پورهيو ڪري روزي ڪمائڻ بدران پيري مريدي، درويشي، مجاوري جي ڦيرن ڦندن ۾ پئجي ويندا آهن يا اميرن، پوتارن ۽ رئيسن سان گڏ رهڻ ۽ سندن خوشامد ڪري گذارڻ وارو ذليل پيشو اختيار ڪندا آهن. ان ريت ”مقدس فقيرن“ جو هڪ ٽولو پيدا ٿي پوندو آهي، جيڪو ڪو عملي ۽ تخليقي ڪم ڪرڻ بدران مختلف بهانن سان خدا جي نالي تي ٻين جي ڪمائي ڦٻائيندو آهي. منجهن سوال ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي آهي، جيڪا خودي ۽ خودداريءَ لاءِ زهريلو اثر رکندي آهي. ان نڪمي ٽولي ۾ انهن سيني کان سواءِ اهو مالدار طبقو به شامل آهي جيڪو (ڪن مخصوص ٽڪساٽن سان) بنا محنت ۽ پورهئي جي ڪمايل دولت تي عيش ڪندو آهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ اجتماعيت جو قرض ادا نٿو ڪري. جيئن جيئن قوم ۾ اهڙن سهل پسند ماڻهن جو ڳاٽاٽو وڌندو ويندو آهي، اوترو ئي ان جي زوال جا ڏينهن ويجها ٿيندا ويندا آهن، تنهن ڪري انصاف ۽ دانائي ٻنهي جي تقاضا آهي ته قومي زندگيءَ جي تنظيم ۽ جوڙجڪ ۾ سڀ کان پهرين جاءِ انهن خدا جي ٻانهن کي ڏني وڃي، جن جي محنت ۽ جفاڪشيءَ تي اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو دارومدار آهي ۽ اهو قول رڳو محفل کي گرمائڻ لاءِ نه، پر حقيقت ۾ به سياست جو اصول هئڻ گهرجي ته: ”جنهن کيت مان پورهيت ۽ هاريءَ کي روزي ميسر نه ٿئي، ان جي هر ڪٽڪ جي داڻي کي ساڙيو وڃي.“

يونان، مصر ۽ روم جون قديم تهذيبون وڏي مان شان سان اڀريون. انهن جي زوال جو هڪ سبب ته مان متي ٻڌائي چڪو آهيان، يعني سماجي لاڳاپن ۾ انصاف جي اٿهوند. ٻيو سبب هيءُ آهي ته ڪجھ عرصو طاقت ۽ شان مان سان زندگي گذارڻ بعد اهي قومون ڪاهلي، عيش عشرت ۽ نڪمائپ ۾ پئجي وينديون آهن ۽ منجهن ڪوشش ۽ عمل جي گرميءَ بدران خوشين ۽ مزن جون محفلون مچنديون آهن. نتيجو اهو نڪتو ته قدرت جي اٽل قانون پاسو بدلايو، جنهن ڏسندي ئي ڏسندي انهن جي طاقت ۽ عظمت کي متيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.

مطلب ته ڪم، پورهيو ۽ عمل قومن جي زندگيءَ ۽ موت لاءِ پرک جي ڪسوٽي آهي. جيڪا قوم ڪم ڪندي اها زنده رهندي. جيڪا قوم ڪم کان لنوائيندي ۽ ان کي هڪ بار ۽ بوجھ سمجهي ٻين جماعتن يا قومن تي وجھڻ جي ڪوشش ڪندي اها فنا ٿي ويندي ۽ اهڙي قوم جي جنازي تي گهٽ ۾ گهٽ مان ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ تيار نه آهيان. ڪم ته زندگيءَ جي قيمت آهي ۽ جيڪو شخص، قوم يا طبقو اها قيمت ادا نٿو ڪري ان لاءِ منهنجي دل ۾ ايتري عزت آهي جيتري هڪ چور يا ڌاڙيل جي.

جڏهن انصاف، محنت، سادگيءَ ۽ ڪفايت شعاريءَ جي بنيادن تي قومي زندگيءَ جي عمارت اڏجي پوي ته ان ۾ سگهه، سونهن، سوڀيا ۽ نظم ۽ ترتيب پيدا ڪرڻ لاءِ قوم جي فردن ۾ ٽن صفتن جي ضرورت آهي: جرائت، رواداري ۽ ضابطو.

جرائت زندگيءَ جي علامت آهي. ان جي بدولت قوم ۾ حوصلي ۽ ڏکيائين سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آهي. ان جي ابتڙ خوف جيڪو جرائت جو ضد آهي، زندگيءَ جا پر ڪتي ڇڏيندو آهي. ٻي صفت رواداري آهي، جنهن کانسواءِ انفراديت جي تڪميل ناممڪن آهي. جنهن کانسواءِ قومي زندگيءَ ۾ تنوع (رنگا رنگيت) جو شان پيدا نٿو ٿي سگهي. خدا جي دنيا ۾ يڪسانيت ناهي بلڪ اختلاف انساني فطرت جو جزو آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم



۾ رواداريءَ جو جذبو نه هجي ته اتي اختلاف مخالفت جي شڪل اختيار ڪندا آهن ۽ هر ٽولو ٻين تي زبردستيءَ سان هڪ خاص قسم جي يڪسانيت مڙهڻ گهرندو آهي، جيڪا ترقيءَ جي راهه ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. ضابطو ۽ ڊسيپلين ان لاءِ ضروري آهي، ته ان کانسواءِ ڪو به ڪم نظم ۽ ترتيب ۽ بهتر طريقي ۽ انداز سان نٿو ٿي سگهي ۽ فردن ۽ جماعتن ۾ هروڀرو ڇڪتاڻ ٿيندي رهي ٿي. جنهن ۾ سندن قوت ضايع ٿيندي آهي. پر اصلي ڊسيپلين اهو آهي جيڪو ڪنهن ٻاهرين طاقت يا ڪو ظالم حڪمران قوم تي ٻاهران نه مڙهي، پر اهو آزاد فضا ۾ خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ ۽ مقصدن جي ايڪي ۽ اتحاد جو نتيجو هجي.

ٿي سگهي ٿو ته اوهان چئو ته، انهن سيني صفتن جي اهميت مڃي سين، پر انهن جي تربيت ڪيئن ڪجي؟ منهنجي خيال ۾ وڏي پئماني تي قومي ۽ شخصي ڪئريڪٽر جي جوڙجڪ لاءِ ڪجھ شرطن جو پورو ڪرڻ ضروري آهي، جن مان سڀ کان پهريون شرط هيءُ آهي ته قوم جي آڏو ڪو وڏو نصب العين هجي، جنهن کي اڪثر ماڻهو خوشيءَ سان مڃن. جيڪو انهن جي تنظيم ۽ وحدت لاءِ هڪ مرڪز جو ڪم ڏئي ۽ سندن فڪر ۽ عمل تي حاوي ٿي وڃي. جڏهن به ڪنهن قوم عروج حاصل ڪيو آهي ته اهڙي ڪنهن آدرش ان لاءِ محرڪ قوت جو ڪم ڏنو آهي. مثال طور قديم زماني ۾ هندن آڏو حق جي معرفت جو نصب العين هيو، يعني ان ازلي ۽ ابدي حقيقت تائين رسائيءَ جي ڪوشش جنهن جي پيٽ ۾ دنياوي زندگيءَ جي حقيقت هڪ پاڇي کان وڌيڪ نٿي ڀانئجي. ٻڌ مذهب نفس جي تهذيب کي پنهنجو نظريو بڻايو هو. قديم يونانين پنهنجي زندگيءَ ۽ تهذيب ۾ خير، حق ۽ حسن جي تصورن کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. رومين انساني تمدن جي سرمائي ۾ قانون، انصاف ۽ سياسي امن جي تصورن جو واڌارو ڪيو هو. اسلام پنهنجي پيروڪارن آڏو انساني وحدت، انصاف، ڀائپي ۽ مساوات جو نصب العين رکيو هو ۽ تاريخ جي ان اونداهي دور ۾ هڪ شمع روشن ڪئي، جنهن جي روشنيءَ جا ڪرڻا اڄ تائين اسان تي پون ٿا. پر انهن سمورن آدرشن جي اهميت ان ڪري آهي ته اهي ڪن خاص علمي، اخلاقي، سماجي يا جمالي قدرن سان ڀرپور آهن. نه ته رڳو دولت ۽ سياسي طاقت پيدا ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي ٻين قومن کي غلام بڻائي خدا جي ڌرتيءَ تي فتنو ۽ فساد برپا ڪرڻ عظمت جو دليل ڪونهي، بلڪ حيوانيت جو ثبوت آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته يوناني سقراط، افلاطون ۽ ارسطو کان وڌيڪ سڪندر تي فخر ڪن ها. چنگيز خان جا وحشي مغل اسان جي آڏو احترام جا حقدار هجن ها ۽ هٽلر جو بادشاهي جنون ۽ انگريزن جو عالمگير بادشاهيءَ جو قيام گوئٽي ۽ شيڪسپيئر، حافظ ۽ نيوٽن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن کان گهڻو وڌيڪ اهم شمار ڪيو وڃي ها.

پر رڳو هڪ نصب العين مقرر ڪرڻ ڪافي ناهي، ڇاڪاڻ ته عام ماڻهن لاءِ ڪنهن خالي تصور ۾ ڪا ڇڪ ۽ ڪشش نه هوندي آهي، پوءِ اهو طاقت ۽ شان شوڪت جو هجي يا حسنِ جمال جو يا انصاف ۽ خدمت جو. ان تصور کي حقيقت جو ويس ڍڪائڻ لاءِ ضروري آهي ته قوم کي صحيح وقت تي ڪو اهڙو اڳواڻ ملي وڃي جنهن جي سموري زندگي ۽ عمل ان نصب العين جي تشريح هجي، ڇاڪاڻ ته هڪ سچي، پرخلوص ۽ بي لوث انسان جي ذات ۾ ئي اها ڪشش هوندي آهي، جيڪا لکين ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي. سندس صحبت جي فيض مان هوريان هوريان قوم ۾ اهڙن مخلص ۽ سچن ڪارڪنن جو هڪ ٽولو پيدا ٿي ويندو

آهي، جيڪو نيڪي ۽ سچائيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي وٺندو آهي. عزت ۽ عهدي جي رشوت ۽ دولت ۽ سگهه جي لالچ سندس نيت ۾ خرابي ۽ سندس قدمن ۾ جهجهڪ پيدا نہ ڪري سگهندا آهن.

دنيا جي تاريخ ۾ اڄ تائين ڪا بہ سياسي ۽ سماجي يا مذهبي تحريڪ تيستائين ڪامياب نٿي آهي ۽ نہ ڪنهن قوم ڪي عروج حاصل ٿيو آهي، جيستائين منجهس قربانيون ڏيندڙ جماعت عوام جي بي غرض خدمت لاءِ سندرو نہ ٻڌو هجي. چوڻ وارا تہ اهو ٿا چون تہ اهڙن ئي ماڻهن جي برڪت سان ڌرتي پنهنجي محور تي قائم آهي، پر جڏهن ڪنهن قوم ۾ نيڪ ۽ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي خدمت ڪندڙن جي جماعت باقي نہ رهندي آهي تہ سندن اخلاقي ۽ مادي زوال شروع ٿي ويندو آهي. پوءِ قدرت جي قانون مطابق ڪا ٻي قوم ان جي جاءِ والاريندي آهي، جنهن ۾ جدوجهد، خلق جي خدمت ۽ نعمتن جي شڪر يعني انهن جي صحيح استعمال جي بهتر صلاحيت هوندي آهي. فطرت اڪثر ڪري اهڙي قوم کي ڊگهي مهلت پڻ ڏيندي آهي پر جڏهن بداعمالين جو پيمانو ڇلڪي پوندو آهي تہ عمل جي جزا سزا جو قانون اوچتو ڪين جهلي وٺندو آهي، ان وقت اهي غفلت ۾ ٻڏل هوندا آهن.

”قومن پنهنجي هٿن سان جيڪو ڪجهه ڪيو، ڪمايو هو، اڄ ان جي بدلي ۾ خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ فتنو ۽ فساد برپا ٿي ويو آهي، تہ جيئن ماڻهو پنهنجن عملن جو ڦل چکن. شايد ڪين ان مان عبرت ملي ۽ هو سنئين رستي ڏانهن اچن.“ (الروم: ٤١)

ظاهر ۾ تہ اڄوڪي زماني ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ طاقت جي ڪشمڪش ڏسجي پئي، يعني جن قومن وٽ وڏيڪ جنگ جو سامان ۽ دولت ۽ صنعت ۽ حرفت جا وسيلا هوندا، اهي ان مقابلي ۾ ڪامياب ٿينديون، ڇڻ تہ ڪاميابيءَ جو مطلب وسيلن جي گهٽائي يا جنگ جي ڪاميابي آهي، پر اهو خيال صحيح ڪونهي. ان ۾ فاتح ۽ مفتوح ٻنهي جي هار ۽ دنيا جي تباهي آهي، ان سان کٽڻ هارائڻ جا لفظ ئي بي معنيٰ ٿيندا. پر صورتحال کي جيڪڏهن گهري نظر سان ڏسجي تہ خبر پوندي تہ اصل مقابلو قدرن ۽ اخلاقي اصولن جو آهي، مقابلو انهيءَ ميدان ۾ آهي يا هئڻ گهرجي تہ ڪهڙو نظام انسان لاءِ هڪ بهتر ۽ ڀرپور زندگي مهيا ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ ڪين پنهنجي صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ جو موقعو ملي. ان نظام جي جوڙجڪ لاءِ موجوده دور جي تقاضائن کان باخبر رهڻ ضروري آهي. دنياجون حالتون تمام تيزيءَ سان بدلجن پيون. هي دور ماڻهن کي پنهنجي حال تي ڇڏڻ بدران رٿابندي ۽ اجتماعيت جو دور آهي. تبديلي ۽ انقلاب زندگيءَ جي فطرت ۾ شامل آهن. جنهن قوم يا جماعت ۾ انقلاب کان متاثر ٿيڻ جي صلاحيت نہ رهندي آهي، اها زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ مات کائي ويندي آهي.

اجتماعيت پڻ بذات خود هر مرض جي دوا ڪونهي، ان ۾ بہ ظلم، حق تلفي، انسان دشمني ۽ استحصال جا امڪان آهن ۽ نسلي غرور، آمريت ۽ ملوڪيت ان کي پڻ مسخ ڪري سگهي ٿي. اصل سوال هي آهي تہ ڪهڙي قوم يا قومون ان نئين نصب العين جي روشنيءَ ۾ سائنس، صنعت ۽ حرفت جي حيرت انگيز طاقتن کي انسانذات جي فائدي لاءِ استعمال ڪنديون؟ وقت ئي ان جو جواب ڏيندو. پر مون کي هن ڳالهہ جو يقين آهي تہ قومن ۽ فردن جي زندگيءَ ۾ امن ۽ خوشي فقط تڏهن ئي راهہ وٺي سگهي ٿي، جڏهن اهي اخلاق ۽ شرافت جي بنيادي اصولن کي اپنائڻ سگهن، ڪا ٻي قوت، دولت يا سائنس ان جو متبادل نٿا ٿي سگهن.



مولانا محمد طاسين رحہ

# اجتماعي عدل

اجتماعي عدل، دراصل ان اجتماعي حالت جو نالو آهي جيڪا ان وقت ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن سماج جي هر فرد جا هر قسم جا حق صحيح طور محفوظ ٿي ويندا آهن ۽ ڪنهن کي ڪنهن کان ظلم ۽ زيادتيءَ جي شڪايت نہ رهندي آهي يا هيئن چئون تہ، جڏهن ڪنهن سماج جا سڀئي فرد هڪ ٻئي جا حق صحيح ۽ پورا ادا ڪندا آهن تہ ان جي نتيجي ۾ جيڪا صورتحال رونما ٿيندي آهي، ان جو نالو ”اجتماعي عدل“ يا سوشل جسٽس آهي.

اجتماعي عدل جي خاصيت هيءَ آهي تہ اهو جنهن سماج ۾ قائم ٿيندو آهي، ان جي اندر هر فرد کي جٽادار امن ۽ اطمينان جي زندگي نصيب ٿيندي آهي، جنهن جي هر انسان جي دل ۾ پيدائشي ۽ غير اختياري طور تي طلب ۽ خواهش هوندي آهي. ان ريت ان سماج ۾ هر فرد جي انهن صلاحيتن کي اپرڻ ۽ ڪارائتو بڻجڻ جو موقعو ملندو آهي، جيڪي ڪائنات کي مسخر ڪرڻ ۽ ان مان فائدو وٺڻ جي مقصد سان هر انسان جي اندر رکيون ويون آهن.

اجتماعي عدل جي ان خاصيت کي نظر ۾ رکندي سدائين ان جي ضرورت ۽ اهميت محسوس ڪئي وئي ۽ هر دين ۽ مذهب ۽ هر آئين ۽ قانون ان ڏانهن ڌيان ڏنو آهي. حڪومت جو ادارو اجتماعي عدل کي قائم ڪرڻ خاطر وجود ۾ آيو ۽ هر سماج پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان اجتماعي عدل قائم ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ اڄ پڻ هر معاشري ۽ هر ملڪ ۾ ان جي ضرورت ۽ اهميت محسوس ڪئي پئي وڃي ۽ ان لاءِ ڪوشش جو سلسلو جاري آهي.

جيستائين قرآن حڪيم جو تعلق آهي، اهو اجتماعي عدل کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو ۽ سماج ۾ ان جي قيام کي انتهائي ضروري قرار ڏئي ٿو، بلڪ هيئن چوڻ گهرجي تہ اجتماعي عدل اهو مرڪزي مقصد آهي، جنهن کي قرآن حڪيم پنهنجي سموري تعليم ۾ اهم مقصد طور تي آڏو رکيو آهي ۽ ان جو ثبوت قرآن حڪيم جي هن آيت مان ملي ٿو جيڪا سورت الحديد ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي:

” لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا رُسُلَنَا بِالۡبَيِّنٰتِ وَ اَنۡزَلۡنَا مَعَهُمُ الۡكِتٰبَ وَ الۡمِيۡزَانَ لِيَقُوۡمَ النَّاسُ بِالۡقِسۡطِ ۚ “ (الحديد: ٢٥)

(بيشڪ اسان پنهنجي رسولن کي پڌرن دليلن سان موڪليو ۽ اسان انهن سان ڪتاب ۽ تارازي (حڪمت ۽ دانائي) نازل ڪئي، تہ ماڻهو عدل ۽ انصاف تي سدا رهن.)

قرآن حڪيم جي هن آيت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، الله تعاليٰ انساني رشد ۽ هدايت لاءِ جيترا رسول موڪليا ۽ جيترا ڪتاب نازل ڪيا، انهن جو مقصد ليقوم الناس بالقسط هيو. يعني هيءَ تہ انساني سماج ۾ قسط (انصاف) ۽ اجتماعي عدل قائم ٿئي ۽ هڪ اهڙو عادلانہ معاشرو وجود ۾ اچي جنهن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جا هر قسم جا حق پوريءَ طرح محفوظ هجن.

ٻين لفظن ۾ هن آيت جو مطلب هيءُ آهي تہ، الله تعاليٰ رسالت جي وحي جو جيڪو سلسلو قائم فرمايو، ان مان هڪ وڏو مقصد هيءُ هيو تہ انسانيت کي انهن عقيدن ۽ فڪرن ۽

انهن اصولن ۽ تصورن ۽ عملي طور طريقن کان آگاهه ڪيو وڃي، جن کي اختيار ڪرڻ سان هر انسان جا هر قسم جا حق صحيح طور تي محفوظ ٿي ويندا آهن ۽ اجتماعي عدل ۽ انصاف وجود ۾ ايندو آهي ۽ جيئن ته قرآن حڪيم ۽ رسالت محمديه وحيءَجي سلسلي جي آخري ڪڙي ۽ انتهائي طور تي ان جي مڪمل شڪل آهي، تنهن ڪري ان جو صاف مطلب اهو ٿيو ته قرآن ۽ اسلامي تعليمات جو پڻ هڪ مٿانهون ۽ مرڪزي مقصد هيءُ آهي ته، انساني سماج ۾ قسط (انصاف) ۽ اجتماعي عدل قائم ٿئي.

قرآن حڪيم جي نظر ۾ اجتماعي عدل جي جيڪا اهميت آهي، ان جو اندازو ان مان پڻ پليءَ پت ٿي سگهي ٿو ته قرآن مجيد جي مختلف آيتن ۾ مختلف صيغن سان ٻاويهه جاين تي لفظ عدل ۽ ٽيويهن جاين تي قسط (انصاف) ۽ اقساط جو ذڪر آهي ۽ ان ۾ ترغيب ۽ تاڪيد آهي ته زندگيءَ جي هر معاملي ۽ هر حال ۾ عدل ۽ انصاف کي اختيار ڪرڻ ۽ ان تي هلڻ گهرجي. عدل ۽ قسط جو ضد ظلم آهي. قرآن حڪيم ۾ اهڙين آيتن جو ڳاڻاٽو ٻن سون کان وڌيڪ آهي، جن ۾ ظلم جي مذمت ۽ منع ڪيل آهي.

قرآن حڪيم ۾ اجتماعي عدل سان لاڳاپيل جيڪو هدايت جو نظام آهي، ان جي تعارف جي سلسلي ۾ هيءَ عرض ڪرڻ ضروري آهي ته ڪنهن سماج ۾ اجتماعي عدل تڏهن ئي عملي طور تي قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن ٻه شيون موجود هجن: هڪ تعليم ۽ تربيت جو اهڙو نظام جنهن مان فردن جا ذهن اجتماعي عدل لاءِ تيار ٿيندا آهن. يعني فردن جي اندر اجتماعي عدل جي ضرورت ۽ اهميت جو احساس ۽ ان جي افاديت جو شعور اڀري ۽ پوءِ لڳاتار زنده ۽ سجاڳ رهندو هجي، ڇاڪاڻ ته ان کانسواءِ اجتماعي عدل قائم ٿي ئي نٿو سگهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان قائم ٿي به وڃي ته گهڻي دير تائين باقي ۽ برقرار نٿو رهي سگهي ۽ ٻي شيءِ حقن ۽ قانونن جو اهڙو ضابطو آهي، جيڪو انساني وحدت ۽ مساوات تي مشتمل ۽ انسان جي فطري گهرجن سان مڪمل هڪ جهڙائپ رکندو هجي، جنهن تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ سماج جي سمورن فردن جا هر قسم جا حق مڪمل طور تي محفوظ ٿي ويندا آهن.

غور سان ڏسجي ته قرآني هدايت جي نظام ۾ هي شيون سهڻي نموني ۽ مڪمل طور تي موجود آهن، يعني قرآن ۾ ايماني عقيدن ۽ اسلامي عبادتن تي ٻڌل تعليم ۽ تربيت جو هڪ اهڙو نظام ملي ٿو، جنهن مان ذهنن ۾ عدل ۽ انصاف جو اهڙو عالمگير احساس ۽ جذبو اڀرندو آهي، جيڪو هڪ انسان کي بغير ڪنهن تخصيص ۽ فرق جي سمورن ٻين انسانن جا حق صحيح طور تي ادا ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت تي آماده ڪندو آهي ۽ عدل جو اهو احساس ۽ جذبو خاص طور تي الله رب العالمين ، رحمان ۽ رحيم ۽ مالڪ يوم الدين جي اعتقاد ۽ يقين مان پيدا ٿيندو ۽ اسلامي عبادتن جي ذريعي سدائين زنده ۽ سجاڳ رهندو آهي.

ان سان گڏ قرآني هدايت واري نظام ۾ حقن ۽ قانونن جو هڪ مڪمل ضابطو پڻ موجود آهي، جيڪو انساني برابري ۽ مساوات تي ٻڌل ۽ انساني فطرت سان مڪمل مطابقت رکي ٿو ۽ جنهن تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ سڀني فردن جا هر قسم جا حق صحيح طور تي محفوظ ٿي وڃن ٿا. اهي حق پڻ جيڪي هر انسان کي انسان جي حيثيت ۾ پيدائشي طور تي حاصل هوندا آهن، جن کي بنيادي ۽ فطري حق چيو ويندو آهي ۽ جيڪي اجتماعي عدل لاءِ بنياد ۽ پيڙهه جي



حيثيت رکندا آهن ۽ اهي حق پڻ جيڪي فردن جي نسبت سان فردن کي حاصل هوندا آهن، جن کي نسبتي ۽ اضافي حق چيو ويندو آهي. جيئن پيءُ ماءُ ۽ اولاد جا حق، مڙس ۽ زال جا حق، مائٽن ۽ پاڙيسرين جا حق، استاد ۽ شاگرد جا حق،ڪم وٺندڙ ۽ ڪم ڪندڙ يعني مزدور جا حق، حاڪم ۽ رعيت جا حق.

جيتوڻيڪ اجتماعي عدل قائم ڪرڻ لاءِ ان قسم جي حقن جو تحفظ ضروري ۽ اهم آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ فردن جا بنيادي حق محفوظ نه هجن ته رڳو ان ٻئي قسم جي حقن جي حفاظت سان اجتماعي عدل قائم نٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته بنيادي انساني حقن جو مقصد ۽ فلسفو هيءُ آهي ته هر فرد کي پنهنجي طبعي ڄمار تائين امن ۽ اطمينان سان زنده رهڻ ۽ پنهنجن صلاحيتن کي ڪم آڻڻ جو موقعو ملڻ گهرجي، تنهن ڪري بنيادي حقن جي تحفظ سان وڏي حد تائين امن ۽ اطمينان جي فضا پيدا ٿي ويندي آهي.

اسلام اجتماعي عدل جي سلسلي ۾ بنيادي انساني حقن جي حفاظت تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو، پر افسوس آهي ته اڄ ڪنهن به مسلمان ملڪ ۽ سماج ۾ نه رڳو هيءُ ته، عملي طور تي بنيادي انساني حقن کي مڪمل طور تي تحفظ حاصل ڪونهي، بلڪ نظري ۽ علمي طور تي پڻ بنيادي انساني حقن جو اهو تصور واضح نٿو ٿئي، جيڪو قرآن ۽ حديث ۾ پيش ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري ان ڳالهه جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته مسلمان معاشرا ان پاسي ڌيان ڏين ۽ اجتماعي عدل جي سماجي ۽ معاشرتي پهلوءَ کي خاص طور تي سمجهن ۽ پوءِ ان کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن، ڇاڪاڻ ته ان کانسواءِ ڪنهن به سماج جو صحيح معنيٰ ۾ سڌارو نٿو ٿي سگهي ۽ نه اهي گوناگون سماجي، معاشي، سياسي ۽ اخلاقي برايون ۽ بدعنوانيون ختم ٿي سگهن ٿيون، جن جي خاتمي جي اسان سڀ خواهش رکون ٿا.

(سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو)

هڪ ٻئي کي خدا بنائڻ ڇا آهي؟ هي ته اسان پنهنجي فڪري قوت کي عمل ۾ نه آڻيون. حق ۽ باطل جو معيار صرف انهن شخصن جي غير رباني ۽ غير معصوم حڪمن ۽ عملن کي قرار ڏيون، جن جي تقليد ڪريون ٿا. جنهن لاءِ اسان کي گذريل ڪجهه صدين جو زمانو هڪ بهترين مثال آهي. جڏهن اسان رعبدار نالن کان مرعوب ٿي ويندا هئاسين، حق ۽ باطل جو معيار فردن جي شخصيت کي قرار ڏيندا هئاسين. اهڙن سڀني معاملن کي نظر ۾ رکي سوچيو ته اسان جي علمن ۽ فنن کي ڪيڏو نه نقصان پهتو؟ هر علم ۽ فن ۾ اسان جي وجود جي ڪا حيثيت نه رهي. زبانون هيون، پر ڳالهائي نه سگهنديون هيون، دليون هيون پر ڌڙڪنديون نه هيون، تحرير جي قيد ۾ جيڪا شيءِ اچي ويئي، اها منسوخ ٿيڻ جي لائق نه سمجهي ويندي هئي. هر ڪتابي ويچار ۽ خيال، جيڪي ڪنهن لکندڙ ڏانهن منسوب هئا، سچائِي ۽ پاڪبازي جو نمونو سمجهيا ويندا هئا. هر پهرين عهد جو انسان، پوءِ اچڻ وارن جي عقل ۽ عمل تي حڪومت ڪندو هو. مطلب ته سابق هستي جو حڪم، قديم هستي جي حڪم وانگر تسليم ڪيو ويندو هو جنهن جو شان هي آهي ته ”باطل نه اجي اڳيان اچي سگهي ٿو ۽ نه ان جي پٺيان.“ (حٰم السجده ٤٢)

سنڌيڪار احمدالدين شر بلوچ

# قارون جو قصو ۽ مال ملڪيت بابت قرآن جو نظريو

قرآن ڪريم ۾ قارون ۽ ان جي اڻ ڪٿ مال ملڪيت، سندس وڏائي ۽ ان جي نتيجي ۾ هن جي بربادي جو سبق آموزداستان قرآن پاڪ ۾ صرف سورة القصص ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ان جي پسِ منظر ۾ مال دولت بابت قرآن جو نظريو وضاحت سان سمجهايو ويو آهي.

هن قصي جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي: إِنَّ قَارُونَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوسَىٰ فَبَغَىٰ عَلَيْهِمْ ۖ وَآتَيْنَاهُ مِنَ الْكُنُوزِ مَا إِنَّ مَفَاتِحَهُ لَتَنُوءُ بِالْعُصْبَةِ أُولِي الْقُوَّةِ إِذْ قَالَ لَهُ قَوْمُهُ لَا تَفْرَحْ ۖ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِينَ ﴿القصص:٧٦﴾ ”قارون در حقيقت موسيٰ جي قوم جو ماڻهو هو، مگر هو پنهنجي قوم جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳو. اسان هن کي دنيائي دولت جا وڏا خزانا ڏنا هئا، ايترا جو رڳو انهن جون ڪنجيون به مضبوط ماڻهن جي هڪ ٽولي مشڪل سان کڻي سگهي ها، سندس قوم جي ماڻهن ڪيس چئي ڏنو ته آڪڙ نه ڪر! ڇو ته الله تعاليٰ يقيناً آڪڙ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري“.

هن آيت جي تشريح هيءَ آهي ته قارون هئو ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم بني اسرائيل منجهان، پر هن مال دولت، شان شوڪت ۽ عهدن جي لالچ ۾ وقت جي فرعون جو ساٿ ڏنو هئو، جنهن ڪري فرعون به هن کي گهڻو نوازيو هو. سندس بي حساب دولت ڪيس ايترو ته سخت مزاج ۽ مطلبي بنائي ڇڏيو هو جو هو پنهنجي ئي قوم جي مٿان فرعون جي هُشي تي ظلم ڪرڻ لڳو هئو.

ڪجھ مفسرن جي خيال مطابق هن وٽ ايترو ته مال ملڪيت هو جو ان جي خزاني جون ڪنجيون به خچرن تي لڏي ڪنيون وينديون هيون. هتي هي به معلوم ٿئي ٿو ته اصل ۾ هن قصي کي بيان ڪرڻ جومقصد مڪي جي ڪافرن کي، جيڪي نبي اڪرم ﷺ جن کي چوندا هئا ته الله تعاليٰ اسان کي هيترو ڌن دولت ڏنو آهي سو جيڪڏهن تون به الله تعاليٰ کي پيارو هجين ها ته توکي به ايتري گهڻي ملڪيت ڏني وڃي ها، سمجهائڻو هو ته توهان پنهنجي مال دولت کي ڏسي آڪڙجي نه وڃو. الله تعاليٰ جيڪو حشر قارون جو ڪيو سو توهان سان به اهڙو لقاءُ ڪري برباد ڪري سگهي ٿو. هن سڄي قصي ۾ اسلام جو مال ملڪيت بابت جيڪو نظريو آهي پڻ سمجهايو ويو آهي ته انسان الله تعاليٰ طرفان مليل مال ملڪيت جي نشي ۾ اچي جڏهن آڪڙ ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته هن هي سڀڪجھ پنهنجي ذاتي محنت ۽ ڪوشش سان حاصل ڪيو آهي ته پوءِ اهڙي ماڻهو کان ڏنل مال کسيو وڃي ٿو. هن کان اڳتي ارشاد ٿئي ٿو: وَابْتَغِ فِيمَا آتَاكَ اللَّهُ الدَّارَ الْآخِرَةَ ۖ ﴿القصص:٧٧﴾ ”۽ الله تعاليٰ توکي جيڪو هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان آخرت جي گهر لاءِ تلاش ڪر!“

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مال ملڪيت ڪا خراب شيءِ نه آهي پر خراب ڳالھ هيءَ آهي ته پاڙيوارن غريبن، يتيمن، مسڪينن، بيواهن ۽ محتاجن جي سهائتا لاءِ استعمال ڪري پنهنجي



آخرت سنوارڻ جي بجاءِ ان کي گڏ ڪري رکيو وڃي. هن آيت ۾ اها ئي ترغيب ڏني وئي آهي ته اهڙا ڪي فلاحي ڪم ڪيا وڃن جن سان آخرت ڀلي ٿئي. اڳتي اها به سمجهاڻي ڏني وئي ته: وَلَا تَنْسَ نَصِيبَكَ مِنَ الدُّنْيَا ۖ ﴿القصص:٧٧﴾ ”۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو به نه وِسار“

يعني توهان پنهنجي دولت سان پنهنجي، پنهنجي اولاد ۽ مٽن مائٽن وغيره جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ خوشحالي لاءِ به ڀلي خرچ ڪريو. ان ڪانپوءِ هدايت ڪئي وئي: وَأَحْسِنْ كَمَا أَحْسَنَ اللَّهُ إِلَيْكَ ۖ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ ۖ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ ﴿القصص:٧٧﴾ ”۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي تيئن تون به (ماڻهن تي) احسان ڪر ۽ نه ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچاءِ، يقيناً الله تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري“.

هاڻي ڏسو ته اسلام معاشري ۾ سڌاري جي لاءِ ڪهڙو نه ڀلو اصول پيش ڪندي سمجهائي ٿو ته جڏهن الله تعاليٰ توهان تي مهر باني ڪري مال ملڪيت سان نوازيو آهي ته پوءِ توهان به ماڻهن جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪريو. پر افسوس آهي ته ڪيترائي عرب پٽي مسلمان ايتري قدر ڀلائي جا ڪم نه ڪري سگهيا آهن جيتري قدر فورڊ فائونڊيشن (Ford Foundation) يا روڪ فيلر فائونڊيشن (Rockefeller Foundation) وغيره وارا ڪن ٿا.

فساد عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معني ”خرابي“ آهي، پوءِ اها ڪٿي مادي هجي يا فڪري. فساد جي مقابلي ۾ ”صلاح“ جو لفظ آهي. انهيءَ ڪري چئبو ته جيڪو ماڻهو اصلاح نٿو ڪري سو فساد ڪري رهيو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو مال برائين کي عام ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا قرآن جي نظر ۾ اهي فسادي آهن. هن کان اڳتي قارون جي بهاني بازي ۽ ان تي خدائي تنبيهه جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو: قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ عِنْدِي ۚ أَوَلَمْ يَعْلَمْ أَنَّ اللَّهَ قَدْ أَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهِ مِنَ الْقُرُونِ مَنْ هُوَ أَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَأَكْثَرُ جَمْعًا ۚ وَلَا يُسْأَلُ عَنْ ذُنُوبِهِمُ الْمُجْرِمُونَ ﴿القصص:78﴾ ”(قارون جواب ۾) چيو ته مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل، هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي. هن کي اها به خبر نه هئي ڇا ته الله تعاليٰ هن کان اڳي گهڻين ئي اهڙين امتن کي برباد ڪري چڪو آهي جيڪي ڪانئس قوت ۾ گهڻو وڌيڪ هيون ۽ مال دولت به گهڻو وڌيڪ گڏ ڪيو هئائون ۽ گنهگارن کي سندن گناهن سببان (سزا ڏيڻ وقت) پڇا ڪانه ڪبي آهي.“

اڄ جي دؤر ۾ به جيڪڏهن نظر ڪٽي نهاربو ته عرب ملڪن ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جن مان هر هڪ وٽ سؤ سؤ قارونن جي برابر مال ملڪيت موجود آهي پر پوءِ به هو الله جي راهه ۾ مسلمانن تي آيل مصيبتن جي وقت ۾ به خرچ نٿا ڪن؛ جنهن ڪري هو هر وقت آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جي غلامي ۾ جڪڙجي خوار خراب ٿيا آهن. انهن جو به اهڙو ئي حشر ٿي سگهي ٿو جهڙو قارون جو ٿيو هو. اڳتي بيان ٿيو: فَخَرَجَ عَلَىٰ قَوْمِهِ فِي زِينَتِهِ ۖ ﴿القصص:٧٩﴾ ”(هڪ ڏينهن) هو (قارون) وڏي دٻدٻي سان پنهنجي قوم جي (ماڻهن) سامهون آيو“.

يوم الزينہ جشن جو ڏهاڙو هئو. Jewish Encyclopedia جي مطابق قارون ان ڏينهن پنج هزار سينگاريل ٻانهين ۽ ڪيترن ئي گهوڙي سوار نوڪرن چاڪرن جي جهرمٽ ۾ ٻاهر نڪتو جنهن کي ڏسي: قَالَ الَّذِينَ يُرِيدُونَ الْحَيَاةَ الدُّنْيَا يَا لَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَا أُوتِيَ قَارُونُ إِنَّهُ لَذُو حَظٍّ عَظِيمٍ ﴿القصص:٧٩﴾ ”جيڪي (ماڻهو) هن دنيا جي زندگيءَ (جي عيش عشرت) جا چاهيندڙ هئا، تن

چيو هاءِ هاءِ ! جيڪر اسان کي بہ اهڙي دولت ملي ها جهڙي قارون کي آهي (تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها!) يقيناً هو وڏي ڀاڳ وارو ۽ خوش نصيب آهي“ .

هي ائين ئي هو جيئن اڄ ڪلهہ اسان وٽ بہ ڪيترائي ماڻهو سرمائيدارن جا ٺٺ ٺانگر ڏسي خواهش ڪندا آهن تہ جيڪر هو بہ اهڙا ئي امير ٿي وڃن. حالانڪ مال ملڪيت تہ هڪ وڏي آزمائش آهي جنهن جي غلط استعمال سان انسان جي ٻئي جهان برباد ٿي وڃن ٿا.

وَقَالَ الَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللَّهِ خَيْرٌ لِمَنْ آمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا وَلَا يُلَقَّاهَا إِلَّا الصَّابِرُونَ ﴿القصص: ٨٠﴾

”پر جيڪي ماڻهو علم وارا هئا، تن چيئي ڏنو تہ افسوس اوهانجي حال تي، اللّٰه تعاليٰ وٽان جيڪي (نعمتون) انعام ۾ ملن ٿيون سي گهڻو بهتر آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن. پر اهي نعمتون صرف اهي ماڻهو حاصل ڪن ٿا جيڪي صبر ۽ ثابت قدميءَ سان (حق جي راهہ تي) قائم رهن ٿا“ .

هن آيت ۾ سمجهايو ويو آهي تہ اللّٰه جي نيڪ ٻانهن جو هيءُ گڻ نہ آهي جو ڪنهن مغرور دولت مند جي ملڪيت کي ڏسي هر ڪجهہ ۽ موهجي وڃن، پر ڪين هميشہ اللّٰه تي ئي ڀروسو ۽ ان وٽان ئي چڱائي جي اميد رکڻ گهرجي. اڳتي قارون جي اجائي آڪڙ جو انجام بيان ڪيو ويو: فَخَسَفْنَا بِهِ وَبِدَارِهِ الْأَرْضَ فَمَا كَانَ لَهُ مِنْ فِئَةٍ يَنْصُرُونَهُ مِنْ دُونِ اللَّهِ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِينَ ﴿القصص: ٨١﴾ ”سو اسان هن (قارون) کي ۽ سندس گهر کي زمين ۾ پوري ڇڏيو. پوءِ ڪا بہ اهڙي جماعت ڪانہ هئي جا هن جي اللّٰه تعاليٰ جي مقابلي ۾ مدد ڪري سگهي ها، نڪي هو پاڻ کي بچائي سگهيو“ .

هن قصي بيان ڪرڻ کان پوءِ انهن ماڻهن کي سمجهايو ويو جيڪي قاروني سوچ رکندڙ آهن: وَأَصْبَحَ الَّذِينَ تَمَنَّوْا مَكَانَهُ بِالْأَمْسِ يَقُولُونَ وَيْكَأَنَّ اللَّهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ وَيَقْدِرُ ﴿القصص: ٨٢﴾ ”۽ جيڪي ماڻهو ڪالهہ تائين سندس ظاهري شان شوڪت جا خواهشمند ٿيا هئا سي هاڻي چوڻ لڳا تہ يقيناً اللّٰه ئي آهي جو پنهنجي ٻندن مان جنهن لاءِ وڻيس تنهن جو رزق ڪشادو ڪري ۽ جنهن لاءِ وڻيس تنهن لاءِ تنگ ڪري“

هن آيت مان اها ڳالهہ چڱي طرح معلوم ٿئي ٿي تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ مال دولت جي ڪثرت آهي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ هي ڪو اللّٰه جو پيارو آهي، پيارو تہ اصل ۾ اهو آهي جيڪو سندس فرمانبردار ۽ ٻين لاءِ ڀلو آهي؛ پوءِ ڀلي چو نہ غريب ئي هجي. سو جڏهن اللّٰه جي نيڪ ٻانهن قارون جو اهو حشر اکين سان ڏٺو تہ چوڻ لڳا: لَوْلَا أَنْ مَنَّ اللَّهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ۖ وَيْكَأَنَّهُ لَا يُفْلِحُ الْكَافِرُونَ ﴿القصص: ٨٢﴾ ”جيڪڏهن اسان تي اللّٰه جو احسان نہ هجي ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ پوري ڇڏي ها. يقينا معلوم ٿو ٿئي تہ ڪافر ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا.“

هن ڪان اڳتي وارين آيتن ۾ هن سڄي قصي بيان ڪرڻ جي حڪمت بہ بيان ڪئي وئي آهي: تِلْكَ الدَّارُ الْآخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِينَ لَا يُرِيدُونَ عُلُوًّا فِي الْأَرْضِ وَلَا فَسَادًا ۚ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ ﴿القصص: ٨٣﴾ ”اهو آخرت جو گهر (يعني جنت) اسان انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪري رکيو آهي جيڪي زمين تي هٺ ۽ وڏائي، ظلم ۽ فساد ۽ بگاڙو نہ ٿا چاهين ۽ (ياد رکو! تہ) چڱي پڇاڙي فقط انهن جي لاءِ آهي جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن ۽ نيڪ عمل ڪندڙ آهن“.

آخر ۾ هڪ عام اصول بيان ڪندي فرمايو ويو: مَنْ جَاءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهُ خَيْرٌ مِنْهَا ۖ وَمَنْ جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِينَ عَمِلُوا السَّيِّئَاتِ إِلَّا مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿القصص: ٨٤﴾ ”جيڪو نيڪي سان ايندو



تنهن کي ان کان بهتر انعام ملندو پر جيڪڏهن ڪو برائي سان ايندو تہ پوءِ جن برائيون ڪيون هونديون تن کي فقط اوتري قدر سزا ملندي جيتري قدر هن برا عمل ڪيا هوندا“ .

هيءَ بہ اللّٰه تعاليٰ جي رحمت ۽ ٻاجهہ جي هڪ جهلڪ آهي تہ نيڪي جو بدلو تہ ڏهوڻو ملي يا هڪ جاءِ تي ٻڌايو ويو تہ ست سئوڻو ملي ٿو. پر ان جي برعڪس برائي جي وري فقط اوتري سزا ڏني ويجي جيتري ڪئي ويجي.

قرآن پاڪ ۾ هن قصي بيان ڪرڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ جهڙي طرح قارون اللّٰه تعاليٰ طرفان ڏنل بي شمار دولت ۽ مال ملڪيت کي اللّٰه جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪرڻ ۽ پنهنجي اجائي هٺ ۽ آڪڙ جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويو، سندس مال ملڪيت نہ تہ ڪيس دنيا ۾ ڪم اچي سگهي ۽ نہ آخرت ۾ ڪنهن ڪم ايندي؛ اهڙيءَ طرح اڄ جا عرب پٽي مسلمان بہ جيڪڏهن پنهنجي پئسي ڏوڪڙ کي ٽجوڙين ۾ گڏ ڪندا رهيا ۽ لکين انسانن جي حاجتن ۽ بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ڏيک ويک ۽ شان شوڪت لاءِ خرچ ڪندا رهيا تہ قارون وانگر هي بہ هڪ ڏينهن برباد ٿي ويندا ۽ هي مال هنن جي ڪجهہ بہ ڪم اچي نہ سگهندو. پر جيڪڏهن هو پنهنجي ان مال مان پاڙيوارن، مسڪينن، محتاجن ۽ عام انسانن جي مدد ڪندا ۽ انهن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ خرچ ڪندا تہ هنن مسڪينن جي دعائن جي سبب دنيا ۾ بہ عزت واري زندگي بسر ڪندا ۽ آخرت بہ سنوارجي ويندن. هتي هي بہ سبق ملي ٿو تہ غريب کي بہ پنهنجي غربت تي مايوس نہ ٿيڻ گهرجي پر هميشہ اللّٰه تعاليٰ وٽان ڀلائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي. (ڊاڪٽر سيد رضوان علي ندوي جي ڪتاب ”قران کي روشني مين“ تان ورتل؛ قرآني آيتن جو ترجمو علامہ علي خان ابڙو جي تفسير المنير تان ورتل)

❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊

(مجموعءِ تفاسير امام سنڌي رحمه الله عليه)

## تفسير الهام الرحمٰن ۽ منتخب سورتون

حجة الاسلام امام شاهہ ولي اللّٰه رحمه الله عليه جي ديني فڪر جي عظيم شارح
حڪيم الاسلام امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ رحمه الله عليه جون شاگردن کي پڙهايل گڏيل
تفسيري سورتون، جن ۾ قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ دعوت، غلبءِ اسلام جي رمزن ۽ دين
اسلام جي سياسي ۽ معاشي اصولن کي جامع تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. قرآن حڪيم
جي انقلابي فڪر کي نکيڙيندڙ اسلامي دنيا جو معروف تفسير

**مفسر قرآن: مجدد العصر امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحمه الله عليه**

**سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ: نور احمد ميمڻ**

رابطي لاءِ:
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 —
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻوفون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-3431115

**از مولانا دين محمد وفائي**

# ملفوظات مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه

❊ ١٨ اپريل ١٩٤٠ع هڪ مجلس ۾ مولانا صاحب فرمايو تہ اسان ترڪي ۾ رهڻ واري زماني ۾ نوجوان ترڪن کان پڇيو تہ اوهان اسلام کان ايتري قدر بيزار ٿي ويا آهيو، آخر اسلام ۾ ڪهڙا نقص آهن جنهن کان اوهان متنفر ٿيا آهيو؟ هنن چيو تہ اسان جي انقلاب واري زماني ۾ قسطنطنيہ جي شهر ۾ اٽڪل ٣٠ هزار عالم موجود هوا پر هنن جهاد ۾ نہ حصو ورتو ۽ نہ وري ڪو ڪم ڪيو ۽ نہ وري ميدان جنگ ۾ هنن مان هلي ڪو شهيد ٿيو. هو بلڪل بيڪار هئا. بلڪ ڪي ڌارين جي سفارت خانن پاران جاسوسي جي خدمت ادا ڪندا هئا ۽ آرام سان واپار ڪندا هئا. اسان سمجهيو تہ اهڙن عالمن سان اسانجو دين ڪو نہ هلندو. تنهنڪري اسان هنن کان بيزار ٿي هنن کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ نہ وري هو اسانکي عقلي نموني ۾ اسلام سيکاري سگهيا ٿي. اسان صحيح ۽ سچي اسلام کان بيزار ڪونہ آهيون بلڪ بيڪار ۽ بي سمجهہ عالمن ۽ پيرن کان بيزار آهيون.

مولانا صاحب فرمايو تہ نوجوان ترڪن مونکي چيو تہ اوهان مذهبي عالم آهيو. اسان اوهانجي عزت ڪريون ٿا فقط هن لاءِ تہ اوهان مسلمانن لاءِ ڪم ڪرڻ گهرو ٿا تنهنڪري اسان جا سائين آهيو.

وڌيڪ فرمايائون تہ سنڌ جا جيڪي عالم قرآن شريف نٿا سمجهن ۽ قرآن جي فلسفہ کان غير واقف آهن ۽ ماني ڪمائي نٿا ڪائن ۽ غلط مسئلا بيان ڪري خلق کي ڌوڪي ۾ ٿا رکن تن کي ايندڙ زمانہ ۾ ترڪي وانگي لوڏيو ويندو. انگريزيدان طبقو هنن کي ميدان مان ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيندو. تنهن ڪري هنن کي گهرجي تہ قرآن جو ترجمي شاهہ وليُ الله جي حڪمت پٽاندر سکن ۽ انگريزيدانن سان گڏجي ڪم ڪن تہ هنن جو بچاءُ ٿيندو نہ تہ مارجي ويندا.

❊ هڪ دفعي فرمايائون تہ سنڌ جو مسلمان اجا تائين غافل آهي بلڪ هن کي امير طبقي غافل رکيو آهي. سنڌ جو هندو تمام اڳتي وڌي ويو آهي. هو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سموري هندستان تي حاڪم ٿيڻ گهري ٿو. سنڌ جو مسلمان جنهن پنهنجي نوجوان کي تعليم نہ ڏني آهي ۽ يورپ کان حڪمراني جو طريقو نہ سکيو آهي سو اڳتي هلي هندو عامل جو محتاج ٿيندو. سنڌ جي مسلمان ۾ استعداد آهي، قابليت آهي پر هن کان ڪم وٺڻ وارو ڪونہ آهي. قرآن پڙهندا تہ پوءِ حڪومت کي يورپ جي نموني تي اسلامي رنگ ۾ هلائي سگهندا. مگر ضرورت آهي تہ ڪجهہ قدر انگريزي زبان ڄاڻندڙ هجن تہ پوءِ دنيا جي قومن سان مقابلو ڪري سگهندا ۽ هو غافل امير طبقي کي هٽائي انهن جي جاءِ حاصل ڪندا.

❊ هڪ دفعي مولانا صاحب فرمايو تہ دنيا ۾ جيترا ماڻهو بہ آسماني ڪتاب مڃيندڙ آهن تن جا ڪتاب غير محفوظ آهن. بائيبل کي اسان محرف مڃون يا نہ مڃون پر هن جي تعليم جو سمورو خلاصو قرآن ۾ اچي ويو آهي. ويد کي هندو آسماني ڪتاب چون ٿا اسان کي ان تي ڪو اعتراض ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ قوم جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن ڪتاب کي آسماني يا



الهامي سڏي ٿي تہ ان ۾ اسان جو ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو. مگر هي ظاهر آهي تہ ويد ۾ جيڪي بہ عمدا احڪام آهن سي سڀ قرآن ۾ موجود آهن. مقصد آهي تہ جيڪڏهن اڄ دنيا مان سمورا آسماني ڪتاب فنا ٿي وڃن تہ بہ قرآن جي موجودگي ۾ انهن جا اهي علوم جيڪي انسانيت لاءِ ضروري آهن، سي قرآن جي ذريعي بلڪل موجود ۽ محفوظ آهن.

اهل ڪتاب يعني تورات ۽ انجيل جي مڃيندڙن جي تاريخ آهي ۽ مسلمانن جي تاريخ تہ بلڪل پڌري ۽ ظاهر آهي. باقي هندن جي تاريخ غير محفوظ آهي، جنهن ڪري ويد جي ترتيب ۽ تاريخ جو ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي. قرآن جي تاريخ تہ اهڙي محفوظ آهي جو سندس نزول تاريخ وار ڪري پڙهيو ويندو تہ هڪ وڏو عقلي فلسفو مرتب ٿي ويندو.

اڄ يورپ جي ماده پرست قومن جي عقلي دليلن جو زمانو آهي، تنهن ڪري قرآن حڪيم جي تعليم کي عقلي دليلن سان سمجهايو ويندو تہ هو مڃيندا، نہ تہ انڪار ڪندا. قرآن شريف کي امام وليُ الله جي حڪمت سان پڙهيو ويندو تہ سيکو عقل ۽ فهم وارو قرآن جي صداقت جو قائل ٿي پوندو.

❊ قرآن جو درس ڏيندي فرمايائون تہ جيڪڏهن قرآن انسان جي زندگي ۾ تبديلي نٿو آڻي سگهي تہ پوءِ الهامي ڪتاب مان انهن ماڻهن گويا فائدو حاصل ئي نہ ڪيو. قرآن جو مقصد آهي تہ انسانيت جي خدمت لاءِ هڪ نيڪ ڪردار ماڻهن جي جماعت قائم ڪئي وڃي جا عدل ۽ انصاف سان خدمت ڪندي رهي. جيڪو انسان عام انسانن جي قرآني تعليم کان پوءِ خدمت نٿو ڪري تہ اهو ڪهڙو انسان آهي؟ اوهان سنڌ کي ڏسو، جڏهن سنڌ جي مسلمانن ۾ صلاحيت هئي ۽ ڀلائي هئي تہ هو انسان ذات جي خدمت لاءِ حڪومت جا مالڪ هئا پر جڏهن هنن مان ڀلائي نڪري وئي تڏهن سندن حڪومت ختم ٿي وئي ۽ مٿن ٻين ڌارين کي حاڪم بڻايو ويو. جيڪڏهن سنڌ جا سمورا مسلمان غلطي يا گمراهي ۾ نہ هجن ها تہ پوءِ هڪڙن کان ڪسي ڪٽي ٻين مسلمانن کي حڪومت ڏئي ها ۽ اهو دستور اسلامي ملڪن ۾ هلندو آيو ٿي. پر هن وقت سڀ غلط ٿي غلط آهن، جنهنڪري هنن مان حڪمراني جي نعمت صفا کسجي وئي آهي.

❊ هڪ دفعي فرمايائون تہ حديث جي ڪتابن ۾ موطا امام مالڪ جو درجو سڀني ڪتابن کان گهڻو بلند آهي. صحيح بخاري يا صحيح مسلم وغيره ڪتاب سندس شرح وانگر آهن. امام مالڪ جي ڪتاب ۾ فقط مديني جي رهاڪن جو روايتون آهن ۽ مديني جو حڪومتي دور حضور صلی اللہ علیہ وسلم کان وٺي حضرت عثمان رضي الله عنه جي شهادت تي ختم ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ خلافت عراق ڏانهن هلي وئي تہ گويا قرآن جي پروگرام تي عمل ڪرڻ واري جماعت جو زمانو حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت تي ختم ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ پلي زماني ۾ ڪيئن مذهبي ۽ ملڪي، معاشرتي ۽ تمدني احڪام جاري ٿيا سي مؤطا امام مالڪ ۾ بلڪل محفوظ آهن ۽ مؤطا مجتهدن لاءِ هڪ بنيادي ڪتاب آهي جنهن تي سمورن مجتهدن جي قولن کي تطبيق ڏياري سگهجي ٿي. حضرت امام وليُ الله پنهنجي ڪتاب المسوي حاشيہ مؤطا ۾ حنفي ۽ شافعي مذهبن جي تطبيق ڏياري هڪ عظيم الشان ڪم ادا ڪري ڇڏيو آهي.

مولانا صاحب جن وڌيڪ فرمايو تہ جيڪڏهن اسان نئين اسلامي حڪومت قائم ڪريون تہ قرآن مجيد کان پوءِ مؤطا امام مالڪ کي احڪامن لاءِ هڪ بنيادي ڪتاب تسليم ڪري باقي حالتن پٽاندر فروعات ۾ اجتهاد ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ شاهہ وليُ الله جي طريقيڪار موجب مجتهد منتسب جو اسلام ۾ دروازو بند ڪونہ آهي.